
امير اهل سُنت جي ربيع الاول شريف 1445 هجري ۾ مدني مذاڪرن
ڪان پهريان ڏنل وارن مختلف بيانن جو تحريري گلدستو

# آخري نبي جي شان
# بَزَبانِ قرآن



- صحابہ ڪرام علیہم الرضوان ۾ محفل ميلاد
- آمد مصطفیٰ جي هڪ خاص برڪت
- ميلاد شريف بيان ڪرڻ الله پاڪ جي سُنت آهي
- ڇا صرف حضور ئي رَحْمَةٌ لِّلْعٰلَمِيْن آهن؟


شيخ طريقت، امير اهلِ سُنت، باني دعوت اسلامي، حضرت علامه مولانا ابو بلال
**محمد الياس عطار قادري رضوي** دامت برکاتہم العالیہ



پيشڪش:
المدينة العلمية (دعوت اسلامي)
Islamic Research Center

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ ڪان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَاللہ جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰھُمَّ افْتَحْ عَلَیْنَا حِکْمَتَکَ وَانْشُرْ عَلَیْنَا رَحْمَتَکَ یَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِکْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ۱ ص۴۰ دار الفڪربيروت)

طالب غم
مدينه
بقيع
و
مغفرت



**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**


رسالي جو نالو: آخري نبي جي شان بَزبانِ قرآن

ڇاپو پهريون: ربيعُ الاول 1446 ھ سيپٽمبر 2024ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


**ڪتاب خريد ڪندڙ توجھ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گھٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

امير اهل سنت دَامَتْ بَرَکَاتُہُمُ الْعَالِیَہ جي ربيع الاول شريف 1445 هجري ۾ مدني مذاڪرن کان پهريان ٿيڻ وارن مختلف بيانن جو تحريري گلدستو.

# آخري نبي جي شان بزبانِ قرآن

## پيشڪش

اسلامڪ ريسرچ سينٽر المدينة العلميه (دعوت اسلامي)

## ترجمو

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي- جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو-


رابطي جي لاءِ:

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي

UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

Email: translation@dawateislami.net

# پھريان ھن کي پڙھو

الله پاڪ جو پيارو پيارو ڪلام قرآن ڪريم دراصل الله پاڪ جي پياري پياري آخري نبي، مڪي مدني محمدِ عربي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي پوري پوري نعت آھي. قرآن ڪريم ۾ جڳھ جڳھ تي نبي پاڪ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي شان ۽ عظمت، فضيلتن ۽ ڪمالن ۽ معجزن جو بيان آھي. عالمن سڳورن ھن موضوع تي ڪيترا ئي ڪتاب لکيا آھن.

عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوت اسلامي جي عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه ۾ 1445 هجري ربيع الاول شريف ۾ روزانو ٽيندڙ مدني مذاڪرن ۾ امير اھل سنت حضرت علامه مولانا محمد الياس عطاري قادري دامت برڪاتھم العاليه بيان فرمائيندا ھئا جنھن جو موضوع: "آخري نبي جي شان بَزبان قرآن" ھوندو ھو. يعني قرآني آيتن سان پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جون فضيلتون ۽ ڪمالات بيان ڪيا ويندا ھئا.

الحمد لله! المدينة العلميه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر) جو شعبو "ھفتيوار رسالي جو مطالعو" جي اسلامي ڀائرن جي مدد سان امير اھل سنت جي انھن بيانن جو مجموعو بنام "آخري نبي جي شان بَزبان قرآن" رسالي جي صورت ۾ منظر عام تي اچي رھيو آھي. ان جو پاڻ به مطالعو ڪريو ۽ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ لاءِ ٻين کي به ڏيو. مبلغن لاءِ ھيءُ ھڪ مڪمل بيان آھي. الله ڪريم ان کي پنھنجي بارگاھ ۾ قبول فرمائي ۽ ان کي اسان لاءِ بي حساب نجات جو ذريعو بڻائي. اٰمين بِجاہِ خاتَمِ النَّبِیّٖن صلی اللّٰہ علیہ واٰلہٖ وسلم

ھڪ پنجابي شاعر ڇا خوب چيو آھي:

دَساں کی مَیں مصطفٰے دی کِڈی سوھنی شان اے
آپ دی تعریف وِچ سارا ہی قرآن اے
پڑھ کے تو ویکھ جیڑا مرضی سپارہ
قسم خدا دی مَینوں سب نالوں پیارا

وَالسَّلام مَعَ الاِکْرام

طالبِ غم مدينه وبقيع و بي حساب مغفرت
ابومحمد طاھر عطاري مدني عفي عنه

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

# آخري نبي جي شان بَزبانِ قرآن

## دعاءِ عطار

يا الله پاڪ! جيڪو بہ "آخري نبي جي شان بَزبانِ قرآن" مڪمل رسالو پڙهي يا ٻڌي وٺي، اُن کي ماءُ پيءُ سميت بي حساب بخشي، جنت الفردوس ۾ پنهنجي پياري آخري نبي، مڪي مدني، محمد عربي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙو نصيب فرماءِ .اٰمين بِجاہِ خاتَمِ النَّبِيّين صلى الله عليه واٰله وسلم

## درود شريف جي فضيلت

حضرت مولانا شاه محمد رُڪنُ الدّين رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه لکن ٿا: جيڪڏهن ڪو ربيعُ الاَوّل شريف جي مبارڪ مهيني ۾ هي درود شريف "اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَارَسُوْلَ اللّٰهِ" سوا لک ڀيرا پڙهي تہ حضور پُرنور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت سان نوازيو ويندو. (رکنِ دين ، 164/1 )

اے عرب کے تاجدار، اَہلاً وَّسَہلاً مرحبا
جلوہ کر دے آشکار، اَہلاً وَّسَہلاً مرحبا

اے رسولِ ذی وقار، اَہلاً وَّسَہلاً مرحبا
ہو فدا عطارِ زار، اَہلاً وَّسَہلاً مرحبا

(وسائل بخشش، ص149، 151)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## قرآنِ كريم ۾ نبيِ كريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم

اي عاشقانِ ميلاد! الله پاڪ جو جيتري قدر شڪر ادا ڪجي اوترو گهٽ آهي ڇو تہ اُن اسان گنهگارن کي پنهنجي پياري آخري نبي، مڪي مدني، محمدِ عربي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي اُمت ۾ پيدا فرمايو ۽ هي ڪرم ڪيترو وڏو آهي جو هي نعمت اسان کي بنا گهرڻ جي ملي، اسان الله جو شڪر ادا ڪيون ٿا. پوءِ ڪرم مٿان ڪرم اهو ٿيو تہ پنهنجي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي ثناء خواني (يعني نعت شريف پڙهڻ) ۽ انهن جي شان جو بيان ڪرڻ، جشنِ ولادت ملهائڻ اسان جي مقدر ۾ آيو. اسان پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جون نعتون پڙهندا، ٻڌندا ۽ فضائل بيان ڪندا آهيون. خدا جي قسم! هي مقدر وارن جو حصو آهي، سڀني کي هي نصيب نٿو ٿئي. ڪنهن شاعر چيو آهي:

میرے آقا کی مدح سرائی — اہلِ سنّت کے حصّے میں آئی
بگڑی آقا نے سب کی بنائی — ہم بھی قسمت جگائے ہوئے ہیں

هڪ ٻي شاعر بہ چيو آهي:

خدا اہلِ سنّت کو آباد رکھے — محمد کا میلاد ہوتا رہے گا

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## سڀ کان وڏي نعمت

اي عاشقانِ ميلادِ مصطفيٰ! الله پاڪ جا پيارا آخري نبي، مڪي مدني، محمد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم الله پاڪ جي سڀ کان وڏي نعمت آهن. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم اسان تي احسانِ الٰهي آهن. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم نور آهن، سندن روشن ڪنڌڙ سج آهن. رب رحيم ۽

ڪريم جي اهڙي عظمت ۽ شان واري رحمت ۽ نعمت جي آمد هجي ته پوءِ اسان کي هن انمول نعمت تي خوشيون ڇونه ملهائڻ گهرجن؟ ڇا اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان وڌيڪ الله پاڪ جي ڪا رحمت آهي؟ ۽ خدا جي رحمت تي خوشي ڪرڻ جو قرآن ڪريم حڪم ڏئي رهيو آهي. ڏسو! مقدس قرآن ۾ صاف صاف اعلان آهي: الله پاڪ سيپاري 11، سوره يونس جي آيت نمبر 58 ۾ ارشاد فرمائي ٿو: قُلْ بِفَضْلِ اللّٰهِ وَ بِرَحْمَتِهٖ فَبِذٰلِكَ فَلْيَفْرَحُوْا ؕ هُوَ خَيْرٌ مِّمَّا يَجْمَعُوْنَ ترجمو ڪنزالايمان: "تون فرماءِ الله جي فضل ۽ سندس رحمت تي جڳائي ته خوشي ڪن، اهو انهن جي سموري ڌن دولت کان بهتر آهي".

حضرتِ مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن آيت مبارڪ جي تحت فرمائن ٿا: ڪجهه عالمن فرمايو آهي ته الله جو فضل حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهن ۽ الله جي رحمت قرآن ڪريم. رب فرمائي ٿو: وَ كَانَ فَضْلُ اللّٰهِ عَلَيْكَ عَظِيْمًا ترجموڪنزالعرفان: "۽ اوهان تي الله جو فضل تمام وڏو آهي. (پ 5، النساء: 113) ۽ بعض عالمن فرمايو: الله جو فضل قرآن آهي ۽ رحمت حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهن. رب فرمائي ٿو: وَ مَاۤ اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا رَحْمَةً لِّلْعٰلَمِيْنَ "۽ اسان اوهان کي تمام جهانن لاءِ رحمت بڻائي ئي موڪليو." (پ 17، الانبياء: 107)

حضرتِ مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وڌيڪ فرمائن ٿا: معلوم ٿيو ته قرآن مجيد جي نازل ٿيڻ جي مهيني يعني رمضان ۾ ۽ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادت جي مهيني يعني ربيع الاول ۾ خوشي ملهائڻ ۽ عبادت ڪرڻ بهتر آهي، ڇو ته رب جي رحمت ملڻ تي خوشي ڪرڻ کپي ۽ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ته رب جي وڏي عظيم نعمت آهن، هي

خوشي رب جي نعمتن جو شڪريو آهي. يعني هي خوشي ملهائڻ دنيا جي سمورن نعمتن کان بهتر آهي ڇو تہ هي خوشي عبادت آهي جنهن جو ثواب بي حساب آهي. (نورالعرفان، ص 342)

ہر کرم کی وَجہ یہ فضلِ عظیم صدقہ ہیں سب نعمتیں اس فضل کا
فضل اور پھر وہ بھی ایسا شاندار جس پہ سب اَفضال کا ہے خاتما

(ذوقِ نعت،ص313)

## اللّٰہ پاڪ جا ڏينهن

اي عاشقانِ ميلاد! اللّٰہ پاڪ سيپارو 13 سوره ابراهيم جي آيت نمبر 5 ۾ ارشاد فرمائي ٿو: (وَذَكِّرْهُمْ بِاَيّٰىمِ اللّٰهِ) ترجمو ڪنزالعرفان: "۽ انهن کي الله جا ڏينهن ياد ڏياريو." صحابي رسول حضرت عبدالله بن عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُما، حضرت اُبي بن ڪعب رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ ۽ عظيم تابعي بزرگ حضرت امام مجاهد ۽ حضرت قتاده رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہِما هن آيت مبارڪ ۾ موجود "اَيّامِ الله" يعني الله پاڪ جي ڏينهن جي تفسير "نِعَمُ اللّٰهِ" يعني الله پاڪ جي نعمتن سان ڪئي آهي.

(تفسير خازن، 75/3 ملتقطاً)

## حضور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم رب جي نعمت آهن

يقيناً اللّٰہ پاڪ جون نعمتون بيشمار آهن، انهن بيشمار نعمتن مان هڪ نعمت الله پاڪ جي آخري نبي محمد عربي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ذات مبارڪ بہ آهي. جيئن تہ حديث پاڪ جي سڀ کان مشهور ۽ قابلِ اعتماد ڪتاب صحيح بخاري شريف ۾ آهي: مُحَمَّدٌ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَسَلَّمَ نِعۡمَۃُ اللّٰہِ، يعني محمد صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اللّٰہ پاڪ جي نعمت آهن.

(بخاري، 11/3، حديث: 3977)

اي عاشقانِ ميلاد! اسان ڪيترا خوش نصيب آهيون جو الله پاڪ پنهنجي هن پياري نعمت يعني پنهنجي پياري ۽ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو دامنِ ڪرم اسان کي عطا فرمايو ۽ اسان کي انهن جي امت ۾ پيدا ڪيو. عاشقِ رسول جي دل ته چوندي آهي ته حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رڳو نعمت ئي نه آهن بلڪ الله پاڪ جي سيني کان وڏي نعمت آهن. خدا جو قسم! حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تشريف آوري اسان تي الله پاڪ جي سڀ کان وڏي نعمت آهي، ان نعمت جي مقابلي ۾ ڪا به نعمت نه آهي.

## ميلاد شريف ملهائڻ حڪمِ قرآني آهي

اي عاشقانِ ميلاد! جڏهن سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الله پاڪ جي نعمت ۽ سڀ کان وڏي نعمت آهن ۽ نعمت ملڻ تي خوشي ڪرڻ جو حڪم اسان کي قرآن ڪريم جي سيپاري نمبر 11، سورت يونس جي آيت نمبر 58 ۾ ڏنو ويو آهي ته پوءِ الله پاڪ جا پيارا آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جنهن ڏينهن دنيا ۾ تشريف ڪٽي آيا، ان ڏينهن اسان خوشي ڇو نه ملهايون؟ ڪوبه عاشقِ رسول ان جو انڪار نه ڪندو، ته ڇا سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نعمت نه آهن؟ ڇا پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو دنيا ۾ تشريف وني اچڻ نعمت نه آهي؟

قرآنِ ڪريم ۾ ارشاد ٿئي ٿو: (وَاَمَّا بِنِعْمَةِ رَبِّكَ فَحَدِّثْ) ترجموڪنزالعرفان: "۽ پنهنجي رب جي نعمت جو خوب چرچو ڪريو." (پ 30، سوره الضحىٰ: 11)

جڏهن الله پاڪ پنهنجي ڏنل هر نعمت جي شڪراني تي ان نعمت جو چرچو ڪرڻ جو ارشاد فرمائي رهيو آهي ته ايتري وڏي نعمت

جنهن کان وڏي نعمت تصور ئي نہ ٿي ڪري سگهجي ان نعمت جو چرچو اسان ڇو نہ ڪيون؟ الحمدُ للّٰہ! اسان تہ سڄو سال ئي ذڪرِ خير ڪندا آهيون، سڄو سال ئي اسان وٽ ميلاد ٿيندا رهندا آهن، اسان جو ڪوبہ درس و بيان اهڙو ناهي هوندو جنهن ۾ ذڪرِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نہ ٿئي.

تم بھی کرکے اُن کا چرچا اپنے دِل چمکاؤ　　　اونچے میں اونچا نبی کا جھنڈا گھر گھر میں لہراؤ

هن ڳالهہ کي دنياوي مثال سان هن طرح سمجهو تہ جڏهن اسان وٽ ٻار پيدا ٿيندو آهي تہ اسان خوشي ملهائيندا آهيون، اسان جي دل خوش ٿيندي آهي، ماڻهو بہ مبارڪباد ڏيندا آهن، پوءِ هر سال سالگره (Birthday) ملهائيندا آهيون. ڪو بہ ڪجهہ ناهي چوندو تہ هي ڇو ملهائيندا آهيو ۽ شيطان بہ وسوسو ناهي وجهندو پر جڏهن اسان پنهنجي آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادت (Birth) جي خوشي ملهائيندا آهيون جنهن کي اسين هڪ خوبصورت لفظ "جشنِ ولادت" سان ياد ڪندا آهيون تہ ان تي ڪجهہ ماڻهن جي ڪنن ۾ شيطان اچي چوندو آهي تہ هي ڪٿان ثابت آهي، ڪنهن ملهايو، ڇا ٿيو ڪيئن ٿيو؟ تنهنڪري شيطاني وسوسن ۾ نہ اچڻ گهرجي.

**ميلاد شريف جي ثبوت تي جيڪي آيتون آهن انهن کي لکي ڪري** منهنجا آقا اعلىٰ حضرت، امام اهلِ سنت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فتاويٰ رضويہ جلد 29 صفحي 250 تي ارشاد فرمائن ٿا: اللّٰہ جو ڪهڙو ڏينهن هن نبيِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ظهورِ پرنور (يعني سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادتِ باسعادت، سندن پيدا ٿيڻ) جي ڏينهن کان وڏو آهي تہ بغير شبهي جي قرآنِ ڪريم اسان کي حڪم

ڏي ٿو تہ نبي پاڪ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جي ولادتِ اقدس تي خوشي ڪيو.
ـ (فتاویٰ رضویہ، 29/ 250)

## پنهنجو ولادت جو ڏينهن پاڻ ملهائيندا هئا

ڇا توهان کي خبر آهي تہ اسان جا پيارا نبي حضرت محمد صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم هر سومر جي ڏينهن پنهنجو ولادت جو ڏينهن ملهائيندا هئا؟ اهڙي طرح هر سومر تي روزو رکندا هئا. جڏهن پڇيو ويو تہ اوهان هر سومر تي روزو رکو ٿا ان جو ڇا سبب آهي؟ حضور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جيڪي سبب ارشاد فرمايا انهن مان هڪ سبب اهو بہ بيان فرمايو تہ: فِيْهِ وُلِدْتُّ: يعني ان ڏينهن مان پيدا ٿيس (مسلم، ص 455، حديث: 2750).

**عاشقانِ ميلاد** کي بہ گهرجي تہ ٻارهن ربيع الاول جي موقعي تي جشنِ ولادت ملهائڻ سان گڏوگڏ هر سومر تي روزو رکي ڪري بہ پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جي ولادت جي ياد ملهائيندا ڪن.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب　　صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## الله پاڪ جو وڏو احسان

الله پاڪ سيپاري 4، سورهٔ آلِ عمران جي آيت نمبر 164 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

لَقَدْ مَنَّ اللّٰهُ عَلَى الْمُؤْمِنِیْنَ اِذْ بَعَثَ فِیْهِمْ رَسُوْلًا مِّنْ اَنْفُسِهِمْ یَتْلُوْا عَلَیْهِمْ اٰیٰتِهٖ وَ یُزَكِّیْهِمْ وَ یُعَلِّمُهُمُ الْكِتٰبَ وَ الْحِكْمَةَۚ

"ترجمو ڪنزالعرفان: بيشڪ الله ايمان وارن تي وڏو احسان فرمايو جڏهن انهن ۾ هڪ رسول موڪليائين، جيڪو انهن مان ئي آهي، اهو انهن جي سامهون الله جي آيتن جي تلاوت فرمائيندو آهي ۽ انهن کي پاڪ ڪندو آهي ۽ انهن کي ڪتاب ۽ حڪمت جي تعليم ڏيندو آهي.

**اي عاشقانِ ميلاد!** مِنّت عظيم نعمت کي چوندا آهن. (صراط الجنان، 87/2) الله پاڪ جو اهو وڏو احسان آهي جو ان اسان کي پنهنجي پياري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو دامن عطا ڪيو. الله ربّ العزّت اسان کي بيشمار نعمتون عطا ڪيون آهن، پر ڪنهن بہ نعمت تي هن اهو نہ فرمايو تہ مون اوهان تي احسان ڪيو آهي، پر جڏهن حضرت بي بي آمنہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جي لال اسان جي پياري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دنيا ۾ اچڻ جو وقت آيو تہ فرمايو: الله پاڪ مسلمانن تي وڏو احسان ڪيو آهي جو انهن کي پنهنجو سيني کان عظيم، سيني کان وڌيڪ عزت وارو، ۽ سيني کان وڏي عظمت وارو رسول عطا ڪيو .بارگاهِ رسالت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ سلام عرض ڪندي، منهنجا آقا، اعليٰ حضرت، امام اهلِ سنت، امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه لکن ٿا:

ربِّ اَعلیٰ کی نعمت پہ اعلیٰ درود　　　حق تعالیٰ کی مِنَّت پہ لاکھوں سلام

(حدائق بخشش، ص298)

**شرحِ ڪلامِ رضا:** هن شعر جو خلاصو اهو آهي تہ عظمت ۽ بلنديءَ واري الله ربّ العزّت جي وڏي نعمت، يعني حضرت بي بي آمنہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُا جي لال، رسولِ بي مثال، محبوبِ ربّ ذو الجلال، نبيِ باڪمال صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي وڏا درود، وڏيون رحمتون نازل ٿين، چوتہ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الله پاڪ جي مِنّت (يعني وڏو احسان) آهن ۽ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي لکين سلام هجن.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　　صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان ۽ ميلاد جي محفل

ڪجھ ماڻھن طرفان اھو وسوسو وڌو ويندو آھي تہ ڇا صحابہءِ ڪرام بہ ميلاد ملھايو آھي؟ ان وسوسي کي دور ڪرڻ لاءِ ھي ھڪ نهايت ئي پياري حديث پڙھو اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! اوھان پڙھندا تہ شيطان متو پِٽيندو، دانهون ڪندو نامراد ٿي ڀڄي ويندو. حضرت امير معاويہ رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ فرمائن ٿا: حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جي ھڪ محفل ۾ تشريف فرما ٿيا ۽ پڇيو: اوھان کي ڪھڙي شيءِ ھتي ويھاريو آھي؟ صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان عرض ڪيو: اسان ھتي ان لاءِ وينا آھيون جو اسان کي الله پاڪ دينِ اسلام جي جيڪا دولت عطا ڪئي آھي ۽ اوھان کي موڪلي ڪري اسان تي جيڪو احسان فرمايو آھي اُن تي ان جو ذڪر ۽ شڪر ادا ڪيون تہ الله جي پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: الله پاڪ جو قسم! ڇا توھان صرف ان لاءِ ھتي وينا آھيو؟ انھن عرض ڪيو: الله پاڪ جو قسم، اسان صرف ان لاءِ ھتي وينا آھيون تہ دينِ اسلام جي دولت ۽ اوھان جي تشريف آوري جي نعمت تي الله جو شڪر ادا ڪريون پوءِ الله پاڪ جي پياري پياري آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: مان اوھان کان قسم ان لاءِ ناھيان ورتي رھيو تہ مونکي توھان تي شڪ آھي بلڪ مون وٽ جبرائيل عليه السلام آيا ۽ مونکي خبر ڏني تہ توھان جي ان عمل تي الله پاڪ فرشتن جي سامھون توھان تي فخر ڪري رھيو آھي.

الله ربُّ العِزَّت جي انھن تمام صحابہ تي رحمت ھجي ۽ انھن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

اوهان پڙهيو تہ صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہم چا ڪري رهيا هئا؟ اسلام جي هدايت ۽ حضور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جي اچڻ جي نعمتن تي اللّٰه پاڪ جو شڪر ادا ڪري رهيا هئا. اسان جيڪو ميلاد ملهائيندا آهيون تہ اسان اللّٰه پاڪ جو شڪر ئي تہ ادا ڪندا آهيون، ان جي حبيب جو ذڪرِ خير ڪندا آهيون، قرآن جون آيتون پڙهندا آهيون، درود شريف پڙهندا آهيون، حديثون ٻڌائيندا آهيون، سنتون ٻڌائيندا آهيون. اسان جيڪي ميلاد جون محفلون ڪندا آهيون، انهن ۾ اهو ئي تہ هوندو آهي. اَلْحَمْدُلِلّٰہِ عَلٰی ذٰلِكَ

معاذ اللّٰه! جيڪڏهن ڪٿي ميلاد شريف ۾ غير شرعي ڪم ٿين، جهڙوڪ ڊول باجا وغيره، تہ اسان انهن جي ڪڏهن بہ تائيد ناهيون ڪندا، بلڪ انهن جو رد ڪندا آهيون.

جب تلک یہ چاند تارے جِھلملاتے جائیں گے — تب تلک جشنِ ولادت ہم مناتے جائیں گے
نور والا آیا ہے نور لے کر آیا ہے — سارے عالم میں یہ دیکھو کیسا نور چھایا ہے

الحمدُ للّٰه! آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جي محبت اسان جي سُتي ۾ آهي، ۽ ربيعُ الاوّل شريف جو چنڊ ڏسي ڪري تہ اها محبت وڌيڪ تازه ٿي ويندي آهي. هن مبارڪ مهيني ۾ رحمتن جي ڇما ڇم برسات ٿيڻ لڳندي آهي، اهو ذهن ۾ رکو تہ دنيا هيڏي ڪان هوڏي ٿي وڃي، پر اسان جي دل مان ڪڏهن بہ جشنِ ولادت ختم نہ ٿيندو بلڪ اسان جي زبان تي نعتون جاري رهنديون ۽ اسان پنهنجي اولاد کي بہ ان جي ترغيب ڏيندا رهنداسين.

منانا جشنِ میلادُ النّبی ہر گز نہ چھوڑیں گے
جلوسِ پاک میں جانا کبھی ہر گز نہ چھوڑیں گے

سرکار کی آمد مرحبا منٹھار کی آمد مرحبا مختار کی آمد مرحبا
غمخوار کی آمد مرحبا تاجدار کی آمد مرحبا شہِ ابرار کی آمد مرحبا
آقا کی آمد مرحبا سردار کی آمد مرحبا آقائے عطّار کی آمد مرحبا
مرحبا یا مصطفےٰ مرحبا یا مصطفےٰ مرحبا یا مصطفےٰ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## آمدِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هڪ خاص برڪت.

آمدِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هڪ خاص برڪت آهي، قرآن پاڪ جي خدمت ۾ عرض آهي ته اي الله پاڪ جا سچا ڪلام، تون ئي اسان کي ٻڌاءِ ته اسان جي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تشريف آوري جي خاص برڪت ڪهڙي آهي؟ جيئن ته، سيپاري 9، سورة الانفال جي آيت نمبر 33 ۾ الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو: وَمَا كَانَ اللّٰهُ لِيُعَذِّبَهُمْ وَاَنْتَ فِيْهِمْ ترجموڪنزالعرفان: "۽ الله جي اها شان نه آهي ته انهن کي عذاب ڏئي جيستائين اي حبيب! تون انهن ۾ موجود آهين".

خدا جو قسم! اها تمام وڏي برڪت آهي. اسان جي پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ظاهري طور تي دنيا ۾ تشريف آڻڻ کان اڳ ۾ پوريون پوريون قومون نافرمانين جي ڪري تباهه ٿي ويون، ڪنهن کي پاڻيءَ ۾ ٻوڙيو ويو، ڪنهن کي زمين ۾ دٻايو ويو، ۽ ڪنهن تي آسمان مان پٿرن جي بارش ڪئي وئي. افسوس سان چوڻو ٿو پئي ته اڄ گناهن جي حالت اهڙي آهي جو ڪفر ۽ شرڪ کان سواءِ تقريباً سيئي گناهه اسان ۾ موجود آهن. پوءِ به زمين اسان کي هلڻ ڏئي رهي آهي، آسمان اسان تي نه پيو ٽٽي، ۽ پٿرن جي برسات نه پئي ٿي.

سيئي بڏي ڪري هلاڪ نہ پيا تين اهو پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اسان ۾ تشريف فرما هجڻ جي دليل آهي جو سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان ۾ تشريف فرما آهن انهيءَ ڪري سيئي تباهہ نہ پيا تين. الله پاڪ جي رحمت جي کھڙي ڳالھ ڪجي! هن ئي آيت مبارڪ جي حوالي سان حضرت علامہ مولانا مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هن آيت ڪريمہ مان ڪجھ فائدا حاصل ٿيا.

پهريون فائدو: ”اَنْتَ فِیْهِمْ“يعني اوهان انهن ۾ تشريف فرما آهيو جو حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم دنيا لاءِ الله جي رحمت، الله جي امان (يعني پناهہ) آهن جو حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي برڪت سان دنيا ۾ عام عذاباتِ الٰهي نہ ٿا اچن. وڏيڪ فرمائن ٿا: ڏسو جن گناهن جي ڪري گذريل قومن تي عذاب آيا اهي سڀ گناهہ ۽ ان کان وڌيڪ گناهہ اڄ تي رهيا آهن، پر آسماني عذاب چو نہ ٿا اچن؟ فقط حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي موجود هئڻ جي ڪري جو هي اسان ۾ موجود آهن.

**ٻيو فائدو:** حضور انور(صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) پردو فرمائڻ (يعني وفات شريف) کان پوءِ بہ اسان ۾ موجود آهن، ۽ تشريف فرما آهن. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فيضان سندن وفات کان پوءِ بہ جاري آهي. جيڪڏهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ پل لاءِ اسان ۾ نہ رهن، تہ عذابِ الٰهي اچي وڃي. اسان صرف حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي برڪت سان عذاب کان بچيل آهيون، ربّ پاڪ فرمائي ٿو: وَمَآ اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا رَحْمَةً لِّلْعٰلَمِیْنَ ﴿ (ترجموڪنزُالعرفان :۽ اسان اوهان کي تمام جهانن جي لاءِ رَحمت بڻائي ئي موڪليو.) حضور انور (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم)

رَحمةٌ لِّلْعَالَمِين آهن ۽ رحمت اسان سان قريب آهي، درود هجي اُن تي جنهن جو وجود مڪمل رحمت آهي.

**ٽيون فائدو:** حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي ذات مبارڪ دنيا ۾ ڪافرن لاءِ بہ رحمت آهي، جو هُو حضور (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم) جي ڪري امن ۾ آهن. پوءِ مسلمانن تي رحمتِ رسول جي ڇا ڳالهہ آهي.

(تفسيرِ نعيمى، 9/ 542 بتغير)

اي عاشقانِ ميلاد! سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي ظاهري طور تي دنيا ۾ تشريف آڻڻ کان پوءِ واقعي غير مسلمن تي بہ اجتماعي عذاب نہ آيو آهي. پهريان پوريون پوريون قومون تباهہ ٿي ويندي يون هيون، ۽ انهن جا نالا ۽ نشان مٽجي ويندا هئا جنهن جا دليل قرآن ۽ حديثن ۾ ۽ تاريخي آثارن ۾ موجود آهن اهي ماڻهو اهڙا ترقي يافتہ هئا، ايترا طاقتور هئا جو پٿر تراشي پهاڙن ۾ گهر ٺاهيندا هئا ۽ اهڙا گهر ٺاهيندا هئا جيڪي اڄ بہ قائم آهن، ان وقت تہ سائنس جو نالو نشان بہ نہ هو.

حالانڪ سائنس جي ترقي کان پوءِ هاڻي جيڪي گهر سيمنٽ جا ٺهي رهيا آهن جن کي اسين پڪا سمجهون ٿا انهن جي ايتري زندگي نہ آهي. گذريل قومن کي الله پاڪ ايتري سمجهہ ڏني هئي پر انهن سرڪشي ڪئي، ڪفر ڪيو ۽ پنهنجي نبي جي ڳالهہ نہ مڃي تہ اهي تباهہ ٿي ويا. اڄ جا غير مسلم بہ سوچين تہ چوڏهن پندرهن سؤ سال کان اهڙو عذاب نہ آيو آهي جو پوري زمين تان غير مسلم ختم ٿي وڃن. ايئن ڇو نہ ٿو ٿئي؟ جيڪڏهن ڪو سوچي دل سان غور ڪري تہ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي برڪت جو

قائل تي وجي، قرآن جو قائل تي وجي. ڇوته قرآن پاڪ فرمايو آهي ته جيستائين اوهان موجود آهيو، ته انهن سيني سان اجتماعي طور تي اهڙو ڪجهه نه ٿيندو، جهڙو اڳي اجتماعي طور تي ٿيندو هو.

واقعي قرآنِ ڪريم وڏي عظمتن وارو ڪلام آهي، ماڻهو جيترو به ان ۾ غور ڪري، گهرائي ۾ وجي ان ڪي گهرائي ناهي ملندي ۽ ان ۾ غور ڪرڻ لاءِ اسان ڪي عالمن جو دامن پڪڙي ۽ انهن جي پويان هلڻو آهي. علماءِ ڪرام هن جي جيتري به گهرائي ۾ ويندا، اوترا موتي، گوهر ۽ لعل ڪڍي ايندا.
عالم سڳورا جيڪي فرمائن اسان ڪي اهو ئي مڃڻو آهي ۽ پنهنجو عقل استعمال ناهي ڪرڻو، جيڪو عالمِ دين هوندو، علم ڪي سمجهندو هوندو، اهو منهنجي ڳالهه جي تائيد ڪندو ته واقعي ايئن ئي آهي، اڄڪلهه طرح طرح جا پروفيسر ۽ ليڪچرار مختلف چينلز تي ايندا ۽ گمراهي جا ڪڏا کوٽي امت ڪي انهن ۾ ڌڪي رهيا هوندا آهن لهٰذا ڪنهن جي به نه ٻڌو، صرف علماءِ اهلِ سنت جي ٻڌو ۽ منهنجي هن ڳالهه ڪي پنهنجي پلاند ۾ ٻڌي ڇڏيو. پڻ اسان جا امام جن ڪي دنيا مان ويندي هڪ صدي کان وڌيڪ عرصو ٿي چڪو آهي جن ڪي اسان امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه چوندا آهيو جيڪي واقعي علماءِ اهلِ سنت آهن اهي انهن ڪي مڃيندا ۽ انهن ڪي فالو ڪندا آهن. انهن جي فتاوىٰ تي اکيون بند رکندا آهن، انهن جي تحقيق جي سامهون پنهنجا قلم ٽوڙي ڇڏيندا آهن ۽ انهن جي تحقيق ڪي حرفِ آخر سمجهندا آهن. الحمدلله! مان به انهن جي دامن سان وابسته آهيان، جيڪي مون (يعني اميرِ اهلِ سنت دامت برکاتهم العاليه)

سان محبت ڪن ٿا، اهي بہ وابستہ آهن. ۽ جيڪي انهن سان وابستہ آهن، اهي ڀٽڪندا نہ، ان شآءَ الله. اسان امام احمد رضا خان رحمةُ اللهِ عليه ڪي ان لاءِ فالو ڪندا آهيون جو انهن الله ۽ رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون صحيح ڳالهيون اسان تائين پهچايون آهن، قرآن پاڪ جي جيڪا صحيح تفسير آهي اها اسان تائين پهچائي آهي، حديث جون جيڪي صحيح شروحات آهن اهي اسان تائين پهچايون آهن، شريعت جا جيڪي صحيح مسئلا آهن اهي پهچايا آهن انهيءَ ڪري اعليٰ حضرت امامِ اهلِ سنت رحمةُ اللهِ عليه جي دامنِ ڪرم سان وابستہ رهو تہ ٻنهي جهانن ۾ ٻيڙو پار ٿيندو، ان شاءَ الله.

اَنْتَ فِيْهِمْ نے عَدُو کو بھی لیا دامن میں | عیشِ جاوید مبارک تجھے شیدائی دوست

(حدائق بخشش، ص63)

**شرحِ ڪلامِ رضا:** قرآنِ ڪريم ۾ جيڪو فرمايو ويو آهي "۽ الله جي اها شان نہ آهي تہ انهن کي عذاب ڏئي جيستائين اي حبيب! تون انهن ۾ موجود آهين." (پ9، سورت الانفال: 33) الله پاڪ جي هن عاليشان فرمان نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي برڪت سان غيرمسلمن کي بہ دنيا ۾ اجتماعي عذاب کان بچائي ورتو، جڏهن الله پاڪ جي پياري پياري آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اچڻ سان انهن کي بہ ظاهري ۽ عارضي اَمان (يعني پناهہ) ملي وئي پر ڪيڏا ڀلا نصيب آهن ان عاشقِ رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا جنهن نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ايمان آندو ۽ الله پاڪ جي رحمت سان حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي ۾ هميشہ لاءِ اَمان (پناهہ) ۾ اچي ويو. اهڙي عاشقِ صادق کي هميشہ جي جنت جي زندگي مبارڪ هجي. ڇوتہ جيڪو بہ عاشقِ رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ايمان تي دنيا مان ويو تہ ان

جو نڪاڻو جنت آهي. معاذ الله! جيڪڏهن ان ڪي ڪنهن گناهه جي سزا ملي به، تہ آخرڪار ايمان تي خاتمي سبب ان ڪي هميشہ جنت ۾ ئي رهڻو آهي. الله پاڪ اسان ڪي هڪ لمحي لاءِ بہ عذاب نہ ڏئي ۽ بي حساب بخشي ڇڏي.

تُو بے حساب بخش کہ ہیں بے حساب جُرم　　دیتا ہوں واسِطہ تجھے شاہِ حجاز کا

(ذوقِ نعت،ص18)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب　　صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## شيخَينِ ڪريمَين جي شان و عظمت

مذڪوره آيت مبارڪ جي حوالي سان حضرتِ مفتي احمد يار خان رحمةُ اللهِ عليه فرمائن ٿا: معلوم ٿيو تہ صديقِ اڪبر، فاروقِ اعظم (رضي الله عنهما) جي قبرن ۾ عذاب ناهي ڇو تہ حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم سندن پرسان آهن ۽ اهي مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي پير ۾ آرام ڪري رهيا آهن. جيڪو انهن ڪي عذاب ۾ سمجهي ٿو، اهو هن آيت جو انڪار ڪندڙ آهي) (نورالعرفان،ص287)

## هر صحابيِ نبي جنّتي جنّتي

اي عاشقانِ ميلاد! اسان جو عقيدو آهي تہ هر صحابي عادل آهي ڪو بہ فاسق نہ آهي. بهارِ شريعت ۾ آهي تہ هر صحابي جنتي آهي.

(بہارشریعت،254/1)

ہر صحابیِ نبی　جنّتی جنّتی　فاطمہ اور علی　جنّتی جنّتی
حضرتِ صدیق بھی　جنّتی جنّتی　ہر زوجۂ نبی　جنّتی جنّتی
اور عمر فاروق بھی　جنّتی جنّتی　والدینِ نبی　جنّتی جنّتی
عثمانِ غنی　جنّتی جنّتی　حضرت معاویہ　جنّتی جنّتی

اور ابو سفیان بھی جنّتی جنّتی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اللّٰه پاڪ تمام نبين سان وعدو ورتو

اي عاشقانِ ميلاد! اللّٰه پاڪ سيپارو 3 سورهٔ آلِ عمران جي آيت نمبر 81 ۾ ارشاد فرمايو آهي:

وَ اِذْ اَخَذَ اللّٰهُ مِيْثَاقَ النَّبِيّٖنَ لَمَاۤ اٰتَيْتُكُمْ مِّنْ كِتٰبٍ وَّ حِكْمَةٍ ثُمَّ جَآءَكُمْ رَسُوْلٌ مُّصَدِّقٌ لِّمَا مَعَكُمْ لَتُؤْمِنُنَّ بِهٖ وَ لَتَنْصُرُنَّهٗ ؕ قَالَ ءَاَقْرَرْتُمْ وَ اَخَذْتُمْ عَلٰى ذٰلِكُمْ اِصْرِیْ ؕ قَالُوْۤا اَقْرَرْنَا ؕ قَالَ فَاشْهَدُوْا وَ اَنَا مَعَكُمْ مِّنَ الشّٰهِدِيْنَ ﴿۸۱﴾

ترجموڪنزالعرفان: "۽ ياد ڪيو جڏهن اللّٰه نبين کان وعدو ورتو ته مان توهان کي ڪتاب ۽ حڪمت عطا ڪندس پوءِ توهان وٽ اهو عظمت وارو رسول تشريف ڪٽي ايندو جيڪو توهان جي ڪتابن جي تصديق فرمائڻ وارو هوندو ته توهان ضرور ضرور ان تي ايمان آڻجو ۽ ضرور ضرور ان جي مدد ڪجو. (اللّٰه) فرمايو: (اي نبيو!) ڇا توهان هن حڪم جو اقرار ڪيو ۽ هن (اقرار) تي منهنجو ڳرو ذمو کڻي ورتو؟ سڀني عرض ڪيو: اسان اقرار ڪري روتو، (اللّٰه) فرمايو: ته هاڻي هڪ ٻئي تي گواهه ٻڻجي وڃو ۽ مان پاڻ به توهان سان گڏ گواهن مان آهيان".

## سيني نبين جا نبي

مسلمانن جا چوٿان خليفہ حضرتِ عليُّ المرتضيٰ شيرِ خدا رَضِیَ اللہُ عَنْہُ فرمائن ٿا تہ الله پاڪ حضرت آدم عليه السلام ۽ ان کان بعد جنهن بہ نبي کي نبوت عطا فرمائي ان کان سيدُ الانبياء، محمدِ مصطفیٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جي متعلق عهد ورتو ۽ نبين سڀني پنهنجي قومن کان عهد ورتو تہ جيڪڏهن انهن جي حيات (يعني زندگي) ۾ حضور صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم تشريف آڻين تہ اهي حضور صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم تي ايمان آڻين ۽ حضور صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جي مدد ڪن. (تفسير خزائن، 267/1، 268)

نبیوں میں ہو تم ایسے نبیُّ الانبیا تم ہو
حسینوں میں تم ایسے ہو کہ محبوبِ خدا تم ہو

(سامانِ بخشش،ص164)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## سيني کان پهريان ۽ سيني کان آخري نبي

بهارِ شريعت جا مصنف، حضرتِ علامہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي رحمةُ اللهِ عليه قرآني آيتن ۽ حديثن جي روشني ۾ فرمائن ٿا: سيني کان پهريان نبوت جو مرتبو حضور صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم کي مليو. روزِ ميثاق (يعني وعدو وٺڻ جي ڏينهن) سيني نبين کان حضور صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم تي ايمان آڻڻ ۽ حضور صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جي مدد ڪرڻ جو عهد(وعدو) ورتو ويو ۽ انهيءَ شرط تي هي منصبِ اعظم(يعني عظيمُ الشّان عهدو) انهن کي ڏنو ويو. حضور صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم نبيُّ الانبياء (يعني نبين جا بہ نبي) آهن ۽ سيئي نبي حضور (صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم) جا

اُمتي، سيني پنهنجي پنهنجي عهدِ ڪريم (يعني پنهنجي مبارڪ دور ۾ مبارڪ زماني) ۾ حضور (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي نيابت (يعني نائب ٿيڻ جي حيثيت) ۾ ڪم ڪيو. (بہارِ شریعت،85/1)

تاجدارِ انبیا' اَھْلاً وَّ سَھلاً مرحبا
راز دارِ کبریا' اَھْلاً وَّ سَھلاً مرحبا

آگئے خیرُ الوریٰ' اَھْلاً وَّ سَھلاً مرحبا
آئے شاہِ انبیا' اَھْلاً وَّ سَھلاً مرحبا

مَظہرِ ربُّ العُلیٰ' اَھْلاً وَّ سَھلاً مرحبا
مصطفٰے و مُجتبیٰ' اَھْلاً وَّ سَھلاً مرحبا

پیشوائے انبیا' اَھْلاً وَّ سَھلاً مرحبا
مُرسَلیں کے مُقتدا' اَھْلاً وَّ سَھلاً مرحبا

(وسائلِ بخشش، ص145)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## سيني نبين ڪان حلف (وعدو) ورتو ويو

ٿي سگهي ٿو ته سال ڪان به پهريان جا بُزرگ حضرت علامه عبدُ الغني بن اسماعيل نابُلسي دَمِشقي حنفي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه (وفات:1143ھ) لکن ٿا: انبياءِ ڪرام ڪان عهد وٺڻ جو سبب هي هو ته اهي ڄاڻي وٺن ته حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن سيني ڪان پهريان ۽ انهن سيني جا نبي ۽ رسول آهن ۽ هي عهد وٺڻ خليفو بڻائڻ جي معنيٰ ۾ آهي، انهيءَ ڪري ﴿لَتُؤْمِنُنَّ بِهٖ وَلَتَنْصُرُنَّهٗ﴾ (يعني ته توهان ضرور ضرور اُن تي ايمان آڻجو ۽ ضرور ضرور ان جي مدد ڪجو.) ۾ بنهي هنڌن تي ”لامِ قَسم“ داخل آهي جنهن ۾ هڪ انتهائي باريڪ نُڪتو اهو آهي ته ڄڻ هي عهد اُن بيعت جو حلف ڪڻڻ آهي جيڪو خليفن ڪان ورتو ويندو آهي. تي

سگهي ٿو ان عهد جي ذريعي تمام نبين سڳورن عَلَيۡهِمُ السَّلَام کان پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہ عَلَيۡهِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جي خليفي هجڻ جو حلف ورتو ويو هجي.

اي ٻانها! الله پاڪ جي طرفان حضور نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَيۡهِ واٰلِہٖ وَسَلَّم کي ڏني ويندڙ هن عظمت ۽ رفعت کي سُڃاڻ ۽ جڏهن هي ڄاڻي ورتو ته توکي هي به معلوم ٿي ويو ته حضرت محمد مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَيۡهِ واٰلِہٖ وَسَلَّم نبين جا به نبي آهن. آخرت ۾ ان جو اظهار تمام انبياءِ ڪرام عليهمُ السلام جي موجودگي ۾ حضور صَلَّی اللّٰہُ عَلَيۡهِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جي جهنڊي هيٺ گڏ ٿيندي ئي ٿيندو، جيئن دنيا ۾ اهو معراج جي رات تي ٿيو جڏهن حضور صَلَّی اللّٰہُ عَلَيۡهِ واٰلِہٖ وَسَلَّم سيني انبياءِ ڪرام عليهمُ السلام کي نماز پڙهائي. (حديقه نديه ،ص94ملخصاً)

حَشر میں زیرِ لوائے حَمد اے عطّارؔ ہم
نعتِ سلطانِ مدینہ گُنگناتے جائیں گے

(وسائل بخشش، ص419)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## سيني کان وڌيڪ شان وارا

الله پاڪ جي پياري پياري آخري نبي، مڪّي مدني، محمد عربي صَلَّی اللّٰہُ عَلَيۡهِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جي شان و عظمت بيان ڪندي ساڍا ست سؤ سال پهريان جي بُزرگ حضرت امام محمد شَرفُ الدّين بُوصيري رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡه (هڪ روايت جي مطابق وفات:694ھ) پنهنجي قصيده بُرده شريف ۾ جيڪو ڪجھ فرمايو آهي ان جو نظم جي صورت ۾ ڪنهن هيئن ترجمو ڪيو آهي:

جو شرف چاہو کرو منسوب اس کی ذات سے
کوئی عظمت کیوں نہ ہو ہے مَنزِلَت سے اس کی کم

حَد نہیں رکھتی فضیلت کچھ رسولُ اللہ کی
لَب کُشائی کیا کریں اہلِ عَرب اہلِ عجم

(سيرت رسول عربی، ص551 )

شهزاده اعلي حضرت، حُجّةُ الاسلام حضرت مولانا حامد رضا خان رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه بہ ڇا خوب فرمايو آهي:

خُدا کہتے نہیں بنتی جُدا کہتے نہیں بنتی　　خدا پر اِس کو چھوڑا ہے وہی جانے کہ کیا تم ہو

(بیاض پاک،ص15)

دونوں عالَم میں کوئی بھی تم سا نہیں　　سب حسینوں سے بڑھ کر کے تم ہو حسیں
قاسمِ رِزقِ ربُّ العُلٰی ہو تمہیں　　تم پہ ہر دَم کروڑوں دُرُود و سلام

(وسائلِ بخشش،ص603)

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِيۡب!　　صَلَّى اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## آمدِ مصطفيٰ جي شروع ٿي ڪان ڌوم

حضرت سيّدُنا عبدُالله بن عباس رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهما روايت ڪن ٿا: الله پاڪ هميشہ پنهنجي پياري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي باري ۾ حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام ۾ انهن کان بعد سيني نبين سڳورن عَلَيۡهِمُ السَّلَام کي تشريف ڪٽي اچڻ جو فرمائيندو رهيو ۽ شروع ٿي کان سيئي اُمّتون حضور جي تشريف آوري جون خوشيون ملهائينديون ۽ حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي وسيلي سان پنهنجي دشمنن تي فتح گهرنديون آيون ايستائين جو الله پاڪ حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم کي بهترين اُمّت، بهترين زماني ۾ بهترين اصحابن ۾ بهترين شهر ۾ ظاهر فرمايو.
(الخصائص الکبریٰ، 8/1، 9)

لیا تھا روزِ میثاق انبیا سے حق تعالیٰ نے　　تمہاری پیروی کا عہد و پیماں یارسولَ اللہ

(قبالۂ بخشش،ص226)

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِيۡب　　صَلَّى اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## چوڏهن سؤ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا نالا

اي عاشقانِ ميلاد! اللّٰه ڪريم جي پياري پياري آخري نبي، مڪي مدني محمدِ عربي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا بيشمار فضائل ۽ ڪمالات آهن ۽ سندن مبارڪ نالا تمام گهڻا آهن. منهنجا آقا، اعليٰ حضرت، امامِ اهلِ سنت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: حضور (صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جا عَلَمِ ذات (ذاتي نالا) ٻه آهن: ڪُتبِ سابقہ (يعني اڳين ڪتابن) ۾ ”احمد“ ۽ قرآنِ ڪريم ۾ ”محمد“ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي ۽ حضورِ پاڪ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا صفاتي نالا تمام گهڻا آهن، جن کي اسان ڳڻي نٿا سگهون. علامہ احمد خطيب قَسطلاني(رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه) حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا پنج سؤ نالا گڏ ڪيا آهن. (مواهب لدنيہ، 366/1 ملخصاً) ”سيرتِ شامي“ ۾ ٽي سؤ جو وڌيڪ اضافو آهي، ائين اٺ سؤ ٿي ويا ۽ مان (يعني اعليٰ حضرت) ڇهه سؤ وڌيڪ ملايا، ڪُل چوڏهن سؤ (1400) ٿي ويا ۽ حضور (صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جا اسماء (يعني مبارڪ نالا) هر طبقي ۾ مختلف آهن ۽ هر هر جنس ۾ الڳ آهن، درياء ۾ ٻيا نالا آهن ۽ جبلن ۾ ٻيا. (ملفوظاتِ اعليٰ حضرت، ص 92)

سُبْحٰنَ اللّٰه! اعليٰ حضرت جي علمي خوبي ڏسو.

سرڪار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا مبارڪ نالا هر زبان ۾ موجود آهن، سنڌي ۾ ڪجهه تہ پنجابي ۾ ڪجهه ٻيا، تنهنڪري نالن جو شمار اسان لاءِ ممڪن ناهي. رب کي سڀ خبر آهي، هي بہ سرڪار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي فضيلت جو هڪ باب آهي. مولانا جميل الرحمٰن رضوي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه قبالہءِ بخشش ۾ فرمائن ٿا:

کسی جا ہے طٰہٰ و یٰسٓ کہیں پر          لقب ہے سِرَاجًا مُّنِیْرًا تمہارا

(قبالۂ بخشش،ص 30)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب          صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## آفتابِ نبوت صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

اي عاشقانِ ميلاد! خداءِ عظيم قرآنِ ڪريم ۾ پنهنجي پياري پياري نبي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي ڪيترن ئي پيارن نالن سان ياد فرمايو آهي، جيئن ته سيپاري 22، سورة الاحزاب، آيت نمبر 45 ۽ 46 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

يٰۤاَيُّهَا النَّبِيُّ اِنَّاۤ اَرْسَلْنٰكَ شَاهِدًا وَّ مُبَشِّرًا وَّ نَذِيْرًا ﴿۴۵﴾ وَّ دَاعِيًا اِلَى اللّٰهِ بِاِذْنِهٖ وَ سِرَاجًا مُّنِيْرًا ﴿۴۶﴾

**ترجمو ڪنزالعرفان:** اي نبي! بيشڪ اسان توکي گواھ ۽ خوشخبري ڏيڻ وارو ۽ ڊيڄارڻ وارو ۽ الله جي طرف ان جي حڪم سان سڏيندڙ ۽ چمڪائيندڙ سج بڻائي ڪري موڪليو.

انهن مبارڪ آيتن ۾ حضور صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو هڪ نالو ناهي، بلڪ نالن جي فهرست آهي. (1) نبي (2) شاهد (3) مُبَشِّر (4) نذير (5) داعِي اِلي الله (6) سِراجًا منيراً. هي ٻئي آيتون هڪ طرح سان حضور صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي نالن تي مشتمل آهن.

## 786سال اڳ جي بزرگن جي تفسير

تقريباً 786 سال اڳ جي بزرگ حضرت سيِّدُنا امام عِزُّ الدين بن عبدُ السّلام رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ (وفات: 660ھ) جي حوالي سان "حديقہ نديہ" ۾ "سِرَاجًا مُّنِيْرًا"

يعني چمڪائيندڙ سج" جي تحت لکيو آهي: "سِراج جو مطلب هي آهي ته حضور نبيِ اکرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الله پاڪ جي طرفان واضِح ۽ ظاهر حجّت (يعني بلڪل کلي ۽ صاف دليل) آهن." (حديقہ نديہ، 240/1)786 وڏو پيارو عدد آهي. اصل ۾ علمُ الْأعداد جي حساب سان "بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيم" جا 786 عدد بڻجن ٿا. علمُ الْأعداد هڪ علم آهي، توهان تعويذات وغيره ۾ ست سؤ ڇهاسي لکيل ڏٺو هوندو، البتہ 786 لکڻ يا پڙهڻ سان پوري بسم الله لکڻ ۽ پڙهڻ جو ثواب نہ ملندو.

تقريباً 760 سال اڳ جا بزرگ، جيڪي تمام وڏا مشهور مفسّر ٿي گذريا آهن ۽ سيئي عُلماء انهن کي ڄاڻيندا ۽ انهن کان واقف هوندا، ۽ اهي بزرگ آهن: حضرت سيِّدُنا امام عبدُالله بن عمر ناصرُالدّين بيضاوي رحمةُ اللهِ عليه (وفات: 685ھ)، اهي پنهنجي مشهور تفسير "تفسيرِ بيضاوي" ۾ فرمائن ٿا: حضورِ انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم "سراجِ مُنير" آهن جو جاهليت جي اونداهين ۾ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سبب روشني حاصل ڪئي وڃي ٿي ۽ فَهم ۽ فِراست جا انوار حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نور مان ئي فيض حاصل ڪن ٿا."

(تفسيرِ بيضاوي، 379/4)

چمک سے اپنی جہاں جگمگانے آئے ہیں
مہک سے اپنی یہ کُوچے بَسانے آئے ہیں
سَحَر کو نور جو چمکا تو شام تک چمکا
بتادیا کہ جہاں جگمگانے آئے ہیں

(سامان بخشش، ص138)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## سڄي ڪائنات کي چمڪائي ڇڏيندڙ

والدِ اعلیٰ حضرت، علّامہ مولانا مُفتي نقي علي خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: جهڙي طرح سج جو نور سڄي عالَم ۾ مُحيط (يعني سڄي دنيا کي گهيريل) آهي، انهيءَ طرح سڄو جهان پاڻ (صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي نور سان مُنوّر (يعني روشن) آهي ۽ جهڙي طرح خدا تعالیٰ تارن کي مُسافِرن جي رهنمائي لاءِ ناهيو ۽ آفتاب (يعني سج) کي ان ڳالهہ ۾ انهن کان ممتاز (يعني نمايان) فرمايو اهڙي طرح انبياءِ ڪرام عليهمُ السّلام کي گمراهن جي هدايت لاءِ موڪليو ۽ اسان جي حضرت (محمد صلی الله عليه واٰلهٖ وسلم) کي ان ڳالهہ ۾ ۽ سيني فضيلتن ۽ ڪمالن ۾ انهن (يعني سيني انبياء ۽ رسولن عليهمُ السّلام) کان اَفضل ۽ اَڪمل ڪيو."
(سرور القلوب بذڪر المحبوب، ص 110)

آنکھیں ٹھنڈی ہوں جگر تازے ہوں جانیں سیراب
سچے سورج وہ دِل آرا ہے اُجالا تیرا

**شرح ڪلامِ رضا:** اعلیٰ حضرت رحمةُ اللهِ عليه فرمائي رهيا آهن: "اي سچا سج، منهنجا آقا، مديني وارا مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اوهان جو ديدار ايترو تہ دلين کي راحت ڏيڻ وارو ۽ روشن آهي جو ان ديدارِ ضيابار (روشني ڏيندڙ) سان اکيون ٺڏيون ٿينديون آهن، جگر تازا ٿيندا آهن ۽ اُجارن ساهن جي اُڄ لهي ويندي آهي".

منهنجا آقا اعلیٰ حضرت جا شهزادهءِ گرامي حضور مُفتيِ اعظم هند مولانا مُصطفيٰ رضا خان رحمةُ اللهِ عليه بہ ان ڳالهہ کي ڪيتري خوبصورت انداز سان بيان فرمائن ٿا.

نگاہِ مہر جو اس مہر کی اِدھر ہو جائے
گُنہ کے داغ مِٹیں دِل مرا قمر ہو جائے
جو قلبِ تیرہ پہ تیری کبھی نظر ہو جائے
تو ایک نور کا بُقعہ وہ سَربَسر ہو جائے

(سامان بخشش، ص187)

يعني سرڪار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نگاهِ ڪرم مون تي ٿي وڃي ته منهنجي گناهه جا داغ مِٽجي وڃن ۽ منهنجي دل چمڪندڙ چنڊ ٿي وڃي. يارسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ! جيڪڏهن منهنجي اونداهي دل تي اوهان جي نظر ٿي وڃي ته منهنجي دل روشن ٿي وڃي.

سُبْحٰنَ الله! هي عاشقِ رسول جا جذبات، احساسات ۽ ڪمال تَخَيُّلات آهن. الله پاڪ انهن تي ڪروڙين رحمتون نازل فرمائي جو انهن جي شعرن سان به ايمان تازو ٿي وڃي ٿو".

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## عظمت(بزرگي) جا سج

حضرت امام محمد شرفُ الدّين بُوصيري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ وڏا ۽ مشهور بزرگ آهن، سندن لکيل "قصيده برده" سڄي دنيا ۾ جيترو مقبول آهي اوتري مقبوليت ڪنهن ٻي قصيدي کي حاصل ناهي. دنيا ۾ مختلف زبانن وارا ماڻهو هن قصيده کي پڙهن ٿا، خاص ڪري عرب دنيا ۾ هي قصيدو تمام گهڻو پڙهيو ويندو آهي. امام بوصيري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه قصيده برده شريف ۾ سرڪار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شان هن ريت بيان ڪن ٿا:

فَاِنَّهٗ شَمْسُ فَضْلٍ هُمْ كَوَاكِبُهَا
يُظْهِرْنَ اَنْوَارَهَا لِلنَّاسِ فِي الظُّلَمِ

يعني اهي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم عظمت جا روشن سج آهن ۽ باقي سڀ انبياء عَلَيْهِمُ السَّلَام سندن چمڪندڙ تارا آهن جو سيني کين نور وني اونداهي ۾ رهندڙ ماڻهن تي ظاهر ڪيو.

(قصيدة البرده مع عصيدة الشهدة، ص ص154)

حضرت شاهه عبد العزيز محدث دهلوي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه عرض ڪن ٿا:

يَا صَاحِبَ الْجَمَالِ وَيَا سَيِّدَ الْبَشَرْ مِنْ وَّجْهِكَ الْمُنِيْرِ لَقَدْ نُوِّرَ الْقَمَرْ
لَا يُمْكِنُ الثَّنَآءُ كَمَا كَانَ حَقُّهٗ بَعْد اَزْ خُدا بُزُرگ تُوئی قِصَّہ مُخْتَصَر

(ڪمالات عزيزی ، حالات عزيزی ، ص34 )

يعني اي حسن ۽ جمال وارا، اي سيني انسانن جا سردار! اوهان جي روشن چهري مبارڪ مان روشني وٺي چنڊ چمڪي رهيو آهي. اي الله پاڪ جا پيارا نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اسان کان اهو ممڪن ئي ناهي تہ توهان جي شان کي اهڙي طرح بيان ڪري سگهون جهڙي طرح بيان ڪرڻ جو حق آهي، اسان بس ايترو ڄاڻون ٿا تہ الله پاڪ کان پوءِ جيڪڏهن ڪو سيني کان افضل آهي تہ اها پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ذات مبارڪ آهي ۽ سڄي مخلوق ۾ صرف سندن ذات ئي سيني کان افضل آهي.

زندگیاں ختم ہوئیں اور قلم ٹوٹ گئے پَر تیرے اوصاف کا اک باب بھی پورا نہ ہُوا

اُٹھا دو پردہ دِکھا دو چہرہ کہ نُورِ باری حجاب میں ہے
زمانہ تاریک ہو رہا ہے کہ مہر کب سے نقاب میں ہے

(حدائق بخشش، ص180)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## سڄي مخلوق جا رسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

الله ربُّ العزت سيپاري 6 سورة النساء جي آيت نمبر 170 ۾ ارشاد فرمائي ٿو: ﴿يَآاَيُّهَا النَّاسُ قَدْ جَآءَكُمُ الرَّسُوْلُ بِالْحَقِّ مِنْ رَّبِّكُمْ﴾

ترجموڪنزالعرفان: "اي انسانو! توهان جي رب جي طرفان توهان وٽ هي رسول حق سان گڏ تشريف ڪٺي آيو".

حضرت مفتي احمديار خان رحمة الله عليه آيت جي هن حصّي "يَآاَيُّهَا النَّاسُ" (اي انسانو!) جي تفسير ۾ لکن ٿا: جنهن جي مطلب جي ڳالهه ڪئي وڃي اُن کي پڪاريو ويندو آهي. طبيب (مثلاً ڊاڪٽر) بيمارن کي چوندو آهي: "اي بيمارؤ! هي دوا تمام فائديمند آهي. ڪو عالم جڏهن ڪنهن ڪتاب جو اعلان ڪندو آهي ته چوندو آهي: اي طالبِ علمو! علم جا شوقين انسانو! هي ڪتاب تمام شان دار آهي. جيئن ته الله تعاليٰ هن آيت مبارڪ ۾ حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ميلاد پاڪ جو اعلان فرمائي رهيو آهي ۽ سندن جي ولادت پاڪ ته سڄي جهان ۽ سڄي انسانيت لاءِ فائديمند آهي تنهنڪري ڪنهن خاص گروهه کي پڪاريو نه ويو بلڪ "يَآاَيُّهَا النَّاسُ" چئي سڄي انسانيت کي پڪاريو ويو. هي پڪارڻ حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نبوتِ عامّہ (يعني سڀني جو نبي هجڻ) جو دليل آهي. جيتوڻيڪ حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سڄي مخلوق جنن ۽ انسانن، فرشتن وغيره جا نبي آهن. حضور پاڻ هڪ حديث پاڪ ۾ ارشاد فرمايائون: اُرْسِلْتُ اِلَى الْخَلْقِ كَافَّةً "مان سڄي مخلوق لاءِ موڪليو ويو آهيان." (مسلم، ص 266، حديث: 523) پر چو ته انسان

اصل مقصود آهن، باقي مخلوقات تابع آهن، ان لاءِ صرف انسانن کي پڪاريو. ياد رهي تہ هن ”النَّاسُ “ ۾ صرف ان زماني جي انسانن سان خطاب نہ آهي بلڪ قيامت تائين جي سيني انسانن کي پڪاريو ويو آهي. ڇاڪاڻ تہ حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ايمان آڻڻ سيني انسانن تي لازم آهي. تفسيرِ جَلالَيْن شريف جي حاشيہ صاوي شريف ۾ بہ لکيل آهي تہ هي ”اعلان سيني لاءِ عام آهي“.

وڌيڪ اڳتي هلي مفتي صاحب لکن ٿا: اسان جي دنيا ۾ اچڻ کي "خَلق" يا "ولادت" چيو ويندو آهي پر حضور پاڪ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تشريف آوري کي رب تعاليٰ "جاءَ"، "بعثَ"، "أَرسَلَ" (يعني تشريف کڻي آيا، موڪليو) جي لفظن سان بيان فرمايو آهي. هتي فرمايو ”قَدْ جَآءَكُمُ الرَّسُوْلُ“، ٻي جاءِ تي فرمايو ”اِذْ بَعَثَ فِيْهِمْ رَسُوْلًا“ (ترجمو: انهن ۾ انهن مان ئي هڪ رسول موڪليو)، هڪ جاءِ تي فرمايو ”اَرْسَلْنٰكَ شَاهِدًا“ (ترجمو: اسان توکي موڪليو حاضر ناظر) ڇوتہ اسان دنيا ۾ اچڻ کان اڳ ڪجھ بہ نہ هئاسين، جيڪو ڪجھ بڻياسين، اهو هتي اچي بڻياسين. پر حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سڀ ڪجھ بڻجي هتي تشريف فرما ٿيا. اسان هتي بڻجڻ لاءِ آياسين، جڏهن تہ حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سڀ ڪجھ بڻجي ٻين کي بڻائڻ لاءِ تشريف فرما ٿيا پڻ اسان هتي پنهنجي ڪم لاءِ آياسين تہ هتي عمل ڪري پنهنجي آخرت سنياليندا سين پر حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رب جي ڪم لاءِ آيا تہ ان جي مخلوق جي اصلاح ڪن. سيئي هڪ خاص وقت جي لاءِ ايندا آهن (پر) حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هميشہ لاءِ تشريف کڻي آيا هو اهڙيءَ ريت آيا جو وفاتِ ظاهري کانپوءِ بہ نہ ويا، ان

لاءِ ”جَآءَكُمْ“فرمايو ويو. يعني اي قيامت تائين جا انسانؤ! اهي توهان سيني وٽ آيا ۽ اهڙيءَ ريت آيا جو اچي توهان وٽان نہ ويا. ياد رکڻ گهرجي تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادت عرب ۾ آهي، رهائش مڪي مديني ۾ آهي، پر تشريف آوري سڀني جهان ۾ آهي. جيئن سج رهندو آهي آسمان تي پر چمڪندو سڀني جهان تي آهي ڇو تہ سڀني جهان جو نظام ان سان وابستہ آهي. اهڙيءَ طرح عرش ۽ فرش جو نظام حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دم سان وابستہ آهي. هي محبوب خَلقَت (يعني مخلوق) لاءِ ربِ اعليٰ جو تحفو بڻجي آيا، ان لاءِ ”مِّنْ رَّبِّكُمْ يعني توهان جي رب جي طرفان“ ارشاد ٿيو،

ڪنهن چيو آهي:

خلق میں سب سے تُو بڑا تجھ سے بڑی خدا کی ذات

قائم ہے تیری ذات سے سارا نظامِ کائنات

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ميلاد شريف بيان ڪرڻ الله پاڪ جي سنّت آهي

حضرت مفتي احمد يار خان صاحب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا تہ هن آيت مبارڪ مان ڪجهہ فائدا حاصل ٿيا.

**پهريون فائدو:** حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ميلاد شريف بيان ڪرڻ سُنّتِ الٰهيہ آهي. الله پاڪ فرمايو تہ توهان وٽ آيو، (ڪٿي فرمايو:) موڪليو ويو هي سڀ ميلاد ئي جي بيان جا انداز آهن. ميلاد هڪ مشهور لفظ آهي، ولادت جو ذڪر ڪيو وڃي تہ ميلاد، معجزن جو ذڪر ڪيو وڃي تہ ميلاد، شانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بيان ڪيو

وجي تہ اسان وٽ انهن سيني کي ميلاد چيو ويندو آهي. ڏسو، رب تعاليٰ هن آيت مبارڪ ۾ پنهنجي محبوب جو ميلاد پاڪ بيان ڪيو ۽ قرآن مجيد جي ڪيترين ئي آيتن ۾ حضور جي ميلاد شريف جو ذڪر ڪيو ويو آهي. قرآن مجيد ٻڌايو تہ حضرات انبياء ڪرام عليهم السلام بہ پنهنجي قوم جي سامهون حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ميلاد شريف پڙهندا هئا. حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام پنهنجي قوم کي فرمايو:

: ﴿يَّاْتِيْ مِنْۢ بَعْدِي اسْمُهٗۤ اَحْمَدُ وَمُبَشِّرًۢا بِرَسُوْلٍ﴾ "۽ ان عظيم رسول جي بشارت ڏيڻ وارو آهيان جيڪي مون کان بعد تشريف فرما ٿيندا انهن جو نالو احمد آهي." هي ميلاد ئي جو تہ ذڪر آهي جنهن کي سمجهہ نہ هجي، اهو ئي انڪار ڪندو. مطلب هي آهي تہ ميلاد پاڪ سنتِ الٰهي بہ آهي ۽ سنتِ انبياء ڪرام بہ آهي.

**ٻيو فائدو:** حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سڄي خدائي (يعني مخلوق) جا دائمي (يعني هميشہ لاءِ) رسول آهن. ڪنهن خاص قوم، خاص ملڪ، خاص وقت لاءِ نہ آهن. (تفسير نعيمی، 115/6تا120 بتغير)

هڪ شاعر ڇا خوب چيو آهي.

تجلّیوں کے کَفیل تم ہو — مُرادِ قلبِ خلیل تم ہو
خدا کی روشن دلیل تم ہو — یہ سب تمہاری ہی روشنی ہے
عمل کی میرے اَساس کیا ہے — بجُز نَدامت کے پاس کیا ہے
رہے سلامت تمہاری نسبت — مرا تو اِک آسرا یہی ہے
عطا کیا مجھ کو دردِ اُلفت — کہاں تھی یہ پُر خطا کی قسمت
میں اس کرم کے کہاں تھا قابِل — حُضُور کی بندہ پَروَری ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِیْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ٻنهي جهانن جي لاءِ رحمت

اي عاشقانِ ميلاد! الله پاڪ سيپاري 17، سوره انبياء جي آيت نمبر 107 ۾ ارشاد فرمائي ٿو: وَمَاۤ اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا رَحْمَةً لِّلْعٰلَمِیْنَ : ترجَموڪنزُالعرفان :۽ اسان اوهان کي تمام جهانن جي لاءِ رَحمت بڻائي ئي موڪليو.

اي عاشقانِ رسول! الله پاڪ جا پيارا ۽ آخري نبي حضرت محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نبين، رسولن ۽ فرشتن لاءِ دين ۽ دنيا ۾ رحمت آهن. جنّن، انسانن، مسلمانن، غير مسلم، حيوانات، نباتات، ۽ جمادات (جھڙوڪ ڏات، پٿر، جبل) سيني لاءِ رحمت آهن. مطلب ته ڪائنات ۾ جيتريون شيون آهن، سيئي الله پاڪ جي پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رحمت سان فيض ماڻي رهيون آهن. رسولِ پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن سيني لاءِ رحمت آهن. سَوا اٺ سؤ سال اڳ جا هڪ وڏا مفسر بزرگ امام فخر الدين رازي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه (وفات: 606 هجري) فرمائن ٿا ته "جڏهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سڄي عالمِين لاءِ رحمت آهن ته لازم ٿيو ته اهي (الله پاڪ کان سواءِ جيتري به مخلوق آهي) سيني کان افضل هجن." ( تفسيرڪبير، البقرة، تحت الآية: 253، 2 / 521) حضرت سيدنا امام بيضاوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن آيت جي تفسير ۾ فرمائن ٿا ته نبيِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو سيني جهانن لاءِ رحمت هجڻ جو مطلب هي آهي ته جيڪو ڪجھ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کڻي آيا آهن، اهو سيني جهان جي ماڻهن لاءِ سعادت ۽ انهن جي زندگي ۽ آخرت جي بهتري لاءِ لازم آهي. (تفسير بيضاوي، پ 17، الانبياء، تحت الآية: 107، 111/4)

منهنجي آقا اعلیٰ حضرت امام اهلِ سنت مولانا شاه امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه بارگاهِ رسالت ۾ چا ته خوب نذرانۂِ عقيدت پيش ڪيو آهي جو صرف رحمت ئي نه بلڪ جانِ رحمت چئي عرض ڪيو آهي:

مصطفیٰ جانِ رحمت پہ لاکھوں سلام　　شمعِ بزمِ ہدایت پہ لاکھوں سلام

(حدائق بخشش، ص295)

**شرحِ ڪلامِ رضا:** اي منهنجا پيارا آقا، مديني وارا مصطفیٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اوهان فقط رحمت ئي نه بلڪ رحمت جي به جان، ۽ رحمت جي به اصل ۽ بنياد آهيو. توهان تي لکين سلام هجن. توهان انبياءِ ڪرام ۽ رسولِ عظام عليهم السلام جي محفل جي چمڪندڙ، نور وَسائيندڙ روشن چراغ آهيو، اوهان تي لکين سلام هجن.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## رحمتِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم غير مسلمن تي به

حضرت عبدالله بن عباس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا فرمائن ٿا: نبيِ رحمت، شفيعِ اُمَّت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو رحمت هجڻ عام آهي، ايمان واري لاءِ به ۽ ان لاءِ به جنهن ايمان نه آندو. مومن لاءِ ته حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم دنيا ۽ آخرت ٻنهي ۾ رحمت آهن ۽ جنهن ايمان نه آندو ان جي لاءِ حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم دنيا ۾ رحمت آهن، جو پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي برڪت سان ان جي دنياوي عذاب کي دير سان موڪليو ويو، يعني دير ڪئي وئي ۽ ان سان زمين ۾ دٻجڻ جو عذاب، شڪلين کي بگاڙڻ جو عذاب ۽ مِٽائڻ وارو عذاب هٽايو ويو. (تفسير خازن، الانبياء،

تحت الآية: 107، 297/3) پهريان غير مسلمن جي پورين پورين قومن کي زمين ۾ دٻايو ويندو هو يا سمنڊ ۾ ٻوڙيو ويندو هو، هاڻي ائين نه ٿيندو. هي به انهن تي رحمت آهي جو ڪنهن طرح اهي ايمان آڻين ۽ حقيقت ۾ دامنِ رحمت ۾ اچي وڃن.

## قاسمِ نعمت، نبيِ رحمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

منهنجا آقا، اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رحمۃُ اللهِ عليه فرمائن ٿا: وڏا وڏا علماء، وڏا وڏا اولياء ڪرام فرمائن ٿا ته ”اَزل(ابتدا) کان اَبد(انتها) تائين، اَرض و سَما (يعني زمين ۽ آسمان) ۾، دنيا ۽ آخرت ۾، دين ۽ دنيا ۾، روح ۽ جسم ۾، ننڍي يا وڏي، گهڻي يا ٿوري، جيڪا به نعمت ۽ دولت ڪنهن کي ملي يا هاڻي ملندي آهي يا آئنده ملندي، سڀ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهه مان ورهائي وئي ۽ ورهائجي ٿي ۽ هميشه ورهائي ويندي. (فتاوي رضويه، رساله: تجلي اليقين، 30/ 141)

اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا:

لَا وَرَبِّ الْعَرْش جس کو جو مِلا اُن سے ملا　　بَٹتی ہے کونَیْن میں نعمت رسولُ اللہ کی

(حدائقِ بخشش، ص152)

**شرحِ ڪلامِ رضا:** لَاوَرَبِّ الْعَرْش يعني عرش جي رب جي قسم ڪائنات ۾ جنهن کي به جيڪا نعمت ۽ برڪت حاصل ٿي اها سڀ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو صدقو آهي ڇوته دنيا ۽ آخرت جي هر نعمت، نبيِ رحمت، شفيعِ اُمّت، تاجدارِ رسالت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تقسيم ۽ اجازت سان ملندي آهي. رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم قاسمِ نعمت يعني نعمتون ورهائڻ وارا آهن، جيئن کين پاڻ فرمائن ٿا: اِنَّمَا اَنَا قَاسِمٌ وَاللهُ يُعْطِي يعني مان ورهائيندڙ آهيان ۽ الله پاڪ عطا فرمائيندو آهي. (بخاري، 1 / 43، حديث: 71)

اعليٰ حضرت رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡه فرمائن ٿا.

رَبّ ہے مُعۡطِی، یہ ہیں قاسم
رِزق اُس کا ہے، کِھلاتے یہ ہیں

ٹھنڈا ٹھنڈا میٹھا میٹھا
پیتے ہم ہیں، پلاتے یہ ہیں

نزعِ روح میں آسانی دیں
کلمہ یاد دِلاتے یہ ہیں

مَرقَد میں بندوں کو تَھپک کے
میٹھی نیند سُلاتے یہ ہیں

کہہ دو رضا سے خوش ہو خوش رہ
مُژدہ رضا کا سُناتے یہ ہیں

## اعلٰي حضرت رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡه جي شاعري

منهنجي آقا، اعليٰ حضرت، امام اهل سنت مولانا شاه امام احمد رضا خان رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡه جي شاعري عام شاعرن جي شاعري وانگر نه هئي، چوته پاڻ تمام وڏا مفسرِ قرآن، زبردست محدث، وڏا مفتيِ اسلام ۽ تمام زبردست عاشقِ رسول ۽ الله پاڪ جا مقبول ولي هئا. سندن شاعري عين قرآن ۽ حديث جي مطابق آهي. سندن شعرن ۾ ڪتي قرآني آيتن جو بيان آهي ته ڪتي احاديثِ مبارڪ جي تشريح ۽ ڪتي اولياءِ ڪرام، علماءِ ڪرام، بزرگانِ دين، عارفين، صالحين، ۽ صوفياءِ ڪرام جي اقوالن جون جهلڪيون آهن. الله ربّ العزت جي رحمت سان عشقِ رسول جو جيڪو جام سيدِ اعليٰ حضرت رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡه دنيا ۾ عام ڪيو آهي، اڄ به جيڪڏهن ڪو ان جامِ محبت کي عقيدت ۽ محبت سان پيئي ته پوءِ اهو به جُهومي جُهومي ڪري پڪاريندو.

رحمتِ پروردگار، اَھلاًوَّسَھلاً مرحبا
یاشہِ عالی وقار، اَھلاًوَّسَھلاً مرحبا
اے خدا کے شاہکار، اَھلاًوَّسَھلاً
سب پکارو بار بار، اھلاًوَّسَھلاً مرحبا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب        صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## يا اللّٰه پاڪ! تنهنجو وڏو شڪر آهي جو تو مون کي مسلمان بڻايو.

عظيم تابعي بزرگ، حضرت سيدنا امام حسن بصري رَحمَةُ اللهِ عَلَيه کان روايت آهي تہ نور واري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ شخص کي "اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ بِالْاِسْلَامِ" يعني اسلام جي نعمت تي الله پاڪ جو شڪر آهي. چوندي ٻڌو تہ ارشاد فرمايو: "بيشڪ تو اللّٰه پاڪ جي تمام وڏي نعمت جو شڪر ادا ڪيو آهي." (الزهد لابن مبارک،ص318، حديث : 911)

اعليٰ حضرت رَحمَةُ اللهِ عَلَيه عرض ڪن ٿا.

ان کی اُمّت میں بنایا اُنھیں رَحمت بھیجا        یوں نہ فرما کہ تِرا رَحم میں دعویٰ کیا ہے

(حدائق بخشش، ص171)

شرح ڪلامِ رضا: اي منهنجا پيارا پيارا الله پاڪ! قيامت جي ڏينهن تون مون کي اهو نہ چئجان تہ منهنجو رحمت ۾ ڪو حصو ناهي ڇو تہ تنهنجو وڏو فضل ۽ ڪرم آهي جو تو مون کي پنهنجي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي اُمّت ۾ پيدا ڪيو آهي ۽ تو پنهنجي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم کي ٻنهي جهانن لاءِ رحمت بڻائي موڪليو آهي. جڏهن مان نبي رحمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جو امتي آهيان تہ ضرور تنهنجي رحم ۽ ڪرم جو مستحق ۽ حقدار آهيان.

شهنشاهِ سخن، مولانا حسن رضا خان رَحمَةُ اللهِ عَلَيه کهڙي ناز ڀري انداز ۾ پنهنجو عرض پيش ڪن ٿا.

شافعِ روزِ قیامت کا ہوں اَدنیٰ اُمّتی        پھر حسنؔ کیا غم اگر میں بارِ عِصیاں لے چلا

(ذوقِ نعت،ص44)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

اي عاشقانِ ميلادِ مصطفيٰ! اسان اهڙي پياري نبي جا اُمَّتي آهيون جو جن جي باري ۾ قرآنِ پاڪ جي سيپاري 11، سورة التوبہ جي آيت نمبر 128 ۾ ارشاد آهي:

لَقَدْ جَآءَكُمْ رَسُوْلٌ مِّنْ اَنْفُسِكُمْ عَزِيْزٌ عَلَيْهِ مَا عَنِتُّمْ حَرِيْصٌ عَلَيْكُمْ بِالْمُؤْمِنِيْنَ رَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ ﴿۱۲۸﴾

ترجَموڪنزُالعرفان: بيشڪ توهان وٽ توهان مان اهو عظيم رسول تشريف ڪٽي آيو جنهن تي توهان جو تڪليف ۾ پوڻ تمام ڏُکيو گذرندو آهي، هو توهان جي ڀلائي جو نهايت چاهڻ وارو، مسلمانن تي تمام مهربان، رحمت فرمائڻ وارو آهي.

جس سُہانی گھڑی چمکا طَیبہ کا چاند اُس دل افروز ساعت پہ لاکھوں سلام
پہلے سجدہ پہ روزِ اَزل سے دُرُود یادگاریِ اُمّت پہ لاکھوں سلام

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ٽي دعائون

اسان گنهگارَن جي شفاعت ڪرڻ واري پياري پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: الله پاڪ مون کي ٽي سوال عطا فرمايا، مون بہ دفعا (تہ دنيا ۾) عرض ڪري ڇڏيا: اَللّٰهُمَّ اغْفِرْ لِاُمَّتِيْ اَللّٰهُمَّ اغْفِرْ لِاُمَّتِيْ يعني اي الله پاڪ! منهنجي اُمّت جي مغفرت فرماءِ، اي الله پاڪ! منهنجي اُمّت جي مغفرت فرماءِ.” ۽ ٽيون عرض مون اُن ڏينهن لاءِ رکي ڇڏيو

آهي جنهن ڏينهن مخلوقِ اِلٰهي منهنجي طرف نياز مند (محتاج) هوندي، ايستائين جو (الله پاڪ جو خليل) حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام به منهنجا نياز مند (حاجت مند) هوندا." (مسلم، ص318، حديث: 1904)

وه جہنّم میں گیا جو اُن سے مُستَغنی ہوا  ہے خلیلُ اللہ کو حاجت رسولُ اللہ کی

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب!  صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## والدين کان به وڌيڪ مهربان

اعليٰ حضرت، امام اهلِ سنت مولانا شاه امام احمد رضا خان رَحۡمَۃُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: "اي اُمّت جا گنهگارؤ! ڇا توهان پنهنجي مالڪ ۽ موليٰ جي هيءَ ڪمال رافت (يعني مهرباني) ۽ رحمت پنهنجي حال تي نه ڏٺي جو بارگاهِ الٰهي مان ٿي سوال حضور (صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) کي مليا ته جيڪو چاهيو گهري وٺو عطا ڪيو ويندو. حضور(صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ) انهن مان ڪو به سوال پنهنجي پاڪ ذات لاءِ نه رکيو، سيئي توهان جي ڪم ۾ لڳائي ڇڏيا. ٻه سوال دنيا ۾ ڪيا اهي به توهان جي واسطي، ٽيون آخرت لاءِ بچائي ڇڏيو، اهو به توهان جي وڏي ضرورت جي لاءِ جڏهن ان مهربان مولا، رؤف ۽ رحيم آقا (صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) کان سواءِ ٻيو ڪو به ڪم اچڻ وارو، بگڙي ٺاهڻ وارو نه هوندو. وَاللهِ الۡعَظِيۡم! قسم آهي ان جو جنهن هنن کي اوهان تي مهربان ڪيو! هرگز ڪا به ماءُ پنهنجي عزيز پياري سڪيلڌي پٽ تي ايتري مهربان ناهي جيتري هوءَ پنهنجي هڪ اُمتي تي مهربان آهي. (فتاویٰ رضويه، 583/29 تسهيلاً)

مومن ہوں مومنوں پہ رؤف رحیم ہو  سائل ہوں سائلوں کو خوشی لَا نَہَر کی ہے

(حدائقِ بخشش، ص212)

شرحِ ڪلامِ رضا: يا رسول الله! اي منهنجا آقا! الحمد لله! مان مومن آهيان ۽ اوهان جي رب قرآنِ ڪريم ۾ فرمايو آهي تہ اوهان مومنن تي رؤف ۽ رحيم آهيو يعني بيحد مهربان ۽ رحمت فرمائيندڙ آهيو، تنهنڪري مون تي بہ لطف ۽ رحمت ڪريو. مان اوهان جي در جو سوال ڪندڙ آهيان ۽ سوال ڪندڙن کي جهڙڪڻ اوهان جي شان ناهي.

گھر آمِنہ کے چلو چل کے عرض کرتے ہیں　　ہمیں ہو بھیک عِنایت نبی کی آمد ہے
نہ مانگنے میں کَسر سائِلو کوئی رکھنا　　جو چاہو مانگ لو نِعمت نبی کی آمد ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب!　　صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## آئيڊيل رول ماڊل

اي عاشقانِ ميلادِ مصطفىٰ! دنيا ۾ جيڪڏهن ڪو اسان تي ٿورڙي بہ شفقت ڪري تہ اسين ان جا احسان مند ٿي ويندا آهيون پر بيبي آمنہ جي لال، رسولِ بي مثال صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جا اسان تي جيترا احسان آهن اهي بيحد ۽ بيشمار آهن. اسان کي گهرجي تہ انهن جون سنتون اپنائيون انهن جي مبارڪ فرمانن تي عمل ڪيون، ۽ جنهن ڳالهہ ۽ ڪم کان رسولِ پاڪ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم اسان کي روڪيو آهي ان کان پاسو ڪريون. ڪاش! ڪاش! ڪاش!

منهنجي آقا، اعلىٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي هڪ ڪلام ۾ وڏي درد ڀري انداز ۾ آقا صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ ۾ فرياد ڪئي آهي ۽ رسولِ پاڪ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي پنهنجي امت سان بيحد محبت جو بيان ڪيو آهي. اچو تہ اسين بہ پنهنجي حال تي نظر وجهون ۽ ڏسون تہ اهڙي شفيق ۽ مهربان، رحمت واري آقا صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جيتريون

عنايتون اسان تي ڪيون آهن، ان جي مقابلي ۾ اسين بارگاهِ رسالت ۾ چا پيش ڪريون تا.

مصطفیٰ خیرُالوَریٰ ہو — سرورِ ہر دوسَرا ہو
اپنے اچّھوں کا تَصَدُّق — ہم بَدوں کو بھی نِباہو
کِس کے پھر ہو کر رہیں ہم — گر تمہیں ہم کو نہ چاہو
بَد ہنسیں تم اُن کی خاطِر — رات بھر رُوؤ کَراہو
بد کریں ہر دَم بُرائی — تم کہو ان کا بَھلا ہو
ہم وہی شایانِ رَد ہیں — تم وہی شانِ سَخا ہو
ہم وہی بے شرم و بَد ہیں — تم وہی کانِ حَیا ہو
ہم وہی قابل سزا کے — تم وہی رحمِ خدا ہو
عمر بھر تو یاد رکھا — وقت پر کیا بھولنا ہو
وقتِ پیدائِش نہ بھولے — کَیۡفَ یَنۡسٰی کیوں قضا ہو
یہ بھی مولیٰ عرض کر دوں — بھول اگر جاؤ تو کیا ہو
وہ ہو جو تم پر گراں ہے — وہ ہو جو ہرگز نہ چاہو
وہ ہو جس کا نام لیتے — دشمنوں کا دل بُرا ہو
وہ ہو جس کے رَد کی خاطر — رات دن وَقفِ دُعا ہو
مَر مِٹیں برباد بندے — خانہ آباد آگ کا ہو
شاد ہو اِبلیس مَلعُوں — غم کسے اس قہر کا ہو
تم کو ہو وَاللہ تم کو — جان و دل تم پر فِدا ہو
تم کو غم سے حق بچائے — غم عَدُوّ کو جاں گزا ہو
کیوں رضاؔ مشکل سے ڈریئے — جب نبی مشکل کُشا ہو

(حدائق بخشش،ص339تا340)

ڪاش! اسان جو هلڻ، ڦرڻ، ويهڻ، اٿڻ، ڪائڻ، پيئڻ، لباس، مطلب تہ هر ڪم سُنت جي مطابق هجي ۽ اسان هر وقت يادِ مصطفيٰ ۾ بڏل رهون.

جو نہ بھولا ہم غریبوں کو رضا یاد اس کی اپنی عادت کیجئے

(حدائقِ بخشش، ص 198)

## خوشخبري ڏيڻ وارو ۽ ڊيڄارڻ وارو

اي عاشقانِ ميلاد! الله ربُّ العزت سيپاري 22 سورت سبا جي آيت نمبر 28 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

وَمَآ اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا كَآفَّةً لِّلنَّاسِ بَشِيْرًا وَّنَذِيْرًا وَّلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ

ترجَموڪنزُالعرفان ۽ اي محبوب! اسان اوهان کي سمورن ماڻهن جي لاءِ خوشخبري ڏيڻ وارو ۽ ڊيڄارڻ وارو بڻائي موڪليو آهي پر گهڻا ماڻهو نہ ٿا ڄاڻن.

### سڀي ڪائنات حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اُمت آهي

حضرتِ علامه مولانا مُفتي سيد نعيم الدين مراد آبادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه خزائنُ العرفان صفحو نمبر 798 تي لکن ٿا: هن مبارڪ آيت مان معلوم ٿيو تہ حضور سيّدِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رسالت عامّه (يعني سيني لاءِ) آهي، سڀ انسان ان جي احاطي ۾ آهن، اڇا هجن يا ڪارا، عَرَبي هجن يا عَجمي، اڳيان هجن يا پنيان، سيني لاءِ اوهان رسول آهيو ۽ اهي سڀ اوهان جا اُمتي آهن. (تفسير خزائن العرفان،ص776)

## سيني جا آقا سيني جا رسول

بخاري و مسلم جي هڪ حديث شريف ۾ آهي: سيّد عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: مون کي پنج شيون اهڙيون عطا فرمايون ويون

آهن جيڪي مون کان پهريان ڪنهن نبي کي نہ ڏنيون ويون، انهن مان هڪ خصوصيت هي آهي تہ ٻيا نبي سڳورا (عَلَيْهِم السَّلَام) خاص پنهنجي قوم جي طرف موڪليا ويندا هئا ۽ مان تمام انسانن جي طرف موڪليو ويو آهيان. (بخاری، 133/1، حدیث: 335 ملتقطاً)

شارح بخاري، حضرت مفتي شريفُ الحق امجدي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: بعثتِ عامہ(يعني هر هڪ جي طرف موڪلڻ) جو مطلب هي آهي تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم گذريل نبين سڳورن جيان قوم، ڳوٺ، ملڪ يا زماني سان خاص ناهن، حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نبوت ۽ رسالت سڄي جهانن جي لاءِ جيڪي ظاهري حيات ۾ دنيا ۾ موجود هئا انهن جي لاءِ بہ ۽ پهرين وارن جي لاءِ بہ ۽ قيامت تائين جيترا پيدا ٿيندا سڀني جي لاءِ، چاهي انسان هجن، چاهي جنّ، چاهي ملائڪ، بلڪ الله پاڪ کان علاوه تمام موجودات جي لاءِ آهي.
(نزہۃ القاری، 842/1 ملخصاً)

يعني منهنجي پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نبوت ڪنهن خاص خطّي، مخصوص ڳوٺ يا مُلڪ جي لاءِ ناهي بلڪ سڄي ڪائنات ايستائين جو انسانن جنّن، ملائڪن، حيوانن، نبات (وڻ ٽڻ وغيره)، جماد(جبل پٿر وغيره) سڀني جي لاءِ منهنجا آقا رسول آهن.

سارے رسولوں سے تم بَرتَر    تم سارے نبیوں کے سَرور
سب سے بہتر اُمت والے    صَلَّی اللّٰہ صَلَّی اللّٰہ
صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْكَ وَسَلَّم صَلَّی اللّٰہ صَلَّی اللّٰہ

(سامانِ بخشش، ص 102)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب!    صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## سڀني اُمّت جا نبي

اي عاشقانِ ميلادِ مصطفيٰ! رسول بي مثال، بيبي آمنہ جي لال، محبوبِ ربِّ ذُوالجلال صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو سڀني ڪائنات جي لاءِ نبي بڻجي تشريف ڪڻي اچڻ جو بيان قرآن ڪريم ۾ هڪ بي هنڌ ڪجھ هن طرح ڪيو ويو جيئن تہ سيپاري 9 سُورت الاعراف آيت نمبر 158 ۾ ارشاد ٿئي ٿو: قُلْ یٰۤاَیُّهَا النَّاسُ اِنِّیْ رَسُوْلُ اللّٰهِ اِلَیْكُمْ جَمِیْعًا ترجمو: اوهان فرمايو! اي انسانو! مان توهان سڀني جي طرف اللّٰه جو رسول آهيان.

تقريباً ساڍا ست سؤ سال پهريان جا بُزرگ حضرت امام بَيضاوي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هي آيتِ مبارڪہ هن ڳالھ جي دليل آهي تہ سرڪار عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تمام جنن ۽ انسانن جي طرف رسول بڻائي ڪري موڪليا ويا ۽ ٻيا رسول سڀ ڪورا صرف اُنهن جي پنهنجي قوم جي طرف موڪليا ويا.

(تفسيربيضاوی ، پ 9، الاعراف ، تحت الآية: 158، 65/3)

مسلم شريف جي حديث ۾ ارشاد ٿيو: "اُرْسِلْتُ اِلَى الْخَلْقِ كَافَّةً" مان(اللّٰه پاڪ جي) تمام مخلوق جي طرف(رسول بڻائي ڪري) موڪليو ويو آهيان.

(مسلم، ص 210، حديث: 1167)

منهنجا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سڀني مخلوق جي طرف اللّٰه جا رسول آهن هي شرف بي ڪنهن بہ نبي کي عطا نہ ٿيو هي صرف پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خُصوصيت آهي.

## جنّ واِنْس (جنّن ۽ انسانن) جا نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

حضرت شيخ عبدُالحَق مُحدّث دِهلَوي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تمام جنّن ۽ انسانن جي طرف موڪليا ويا انهيءَ ڪري کين "رسولُ الثَّقَلَين" چون ٿا. جنّات جو سندن دربار ۾ حاضر ٿيڻ

انهن جو ايمان آڻڻ پوءِ پنهنجي قوم جي طرف موٽي ڪري انهن کي اسلام جي دعوت ڏيڻ قرآن ۾ موجود آهي. اڪثر عالم سڀني سڳورن جي ويجهو حضور جو جنن ۽ انسانن جي طرف مبعوث ٿيڻ سندن ئي جي خصوصيت آهي ۽ ڪجهه مُحَقّقِين عالمن جي ويجهو پاڻ سڳورن جي بعثت يعني موڪليو وڃڻ تمام اجزاءِ عالم يعني دنيا جي هرهر حِصّي هرهر شيءِ ۽ هر قسم جي موجودات جي لاءِ آهي چاهي اهي جمادات ۽ نباتات هجن يا حيوانات، سندن موجودات جي تمام ذرّن ۽ ڪل ڪائنات جي تڪميل ۽ تربيت فرمائڻ وارا آهن. (تڪميل الايمان، ص 127،128)

تُو ہے خورشیدِ رسالت پیارے چُھپ گئے تیری ضِیا میں تارے
اَنبیا اور ہیں سب مَہ پارے تجھ سے ہی نُور لیا کرتے ہیں

(حدائقِ بخشش، ص 112)

شرح ڪلامِ رضا: يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اوهان رسالت جا اهي سج آهيو جڏهن اوهان جي روشني آئي تہ تمام تارا لڪي ويا، هاڻي گذريل تمام نبين سڳورن جي شريعتن جي احڪامن تي عمل نہ ڪيو ويندو بلڪ هاڻي سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جيڪي احڪام ارشاد فرمائيندا انهن جو چوڻ مڃيو ويندو ۽ هاڻي انهن تي ايمان آڻڻ شرط ٿي ويو جيڪڏهن انهن تي ايمان نہ آندو تہ مسلمان نہ ٿيندا، ايئن تمام نبين بہ سندن ئي کان نور ورتو آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## هر شيءِ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رسالت ڄاڻي ٿي.

حديث پاڪ ۾ آهي: ڪا شيءِ اهڙي ناهي جيڪا مون کي الله جو رسول نہ سمجهندي هجي سواءِ بي ايمان جنّ ۽ انسانن جي.
(معجم ڪبير، 262/22، حديث: 672)

جن جنن ۾ انسانن ايمان نہ آندو اهي حضور کي نتا ڄاڻين باقي سڄي مخلوق ڄاڻي ٿي. الله ڪري تہ هڪ سيڪنڊ جي ڪروڙين حصّي جي لاءِ بہ اهڙو وقت نہ اچي جو اسان سرڪار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڄاڻڻ ۾ مجڻ کان محروم ٿي وڃون. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

منهنجا آقا اعليٰ حضرت امام اهل سُنت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ هڪ روحانيت تہ هرهر نبات (وڻ ٽڻ وغيره)، هرهر جماد(جبل، پٿر وغيره) ۾ بہ هوندي آهي ان کي چاهي روح چيو وڃي يا ٻيو ڪجهہ، اهي بہ مڪَلَّف آهن ايمان آڻڻ ۾ تسبيح ڪرڻ جا. (ملفوظاتِ اعلیٰ حضرت، ص 532)

يعني هر وڻ، پٿر، جبل پنهنجي زبان ۾ تسبيح بہ پڙهندا آهن، پنهنجي پنهنجي حيثيت جي مطابق ايمان بہ رکندا آهن.

## جبلن جو حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گفتگو ڪرڻ

جڏهن اسلام جي شروع جو دور هيو ان وقت غير مسلم اسان جي پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا سخت دشمن هئا. حضور اقدس صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تشريف کڻي وڃي رهيا هئا، رستي ۾ هڪ جبل تي وڃڻ جو ارادو فرمايو، جبل مان آواز آيو: حضور! مون ڏانهن نہ اچو ڇوتہ مون تي ڪا جڳهہ اَمن جي ناهي، مون کي خوف آهي تہ جيڪڏهن ڪافرن حضور (صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم)کي مون تي ڏسي ورتو ۾ ايذا رسايو تہ الله پاڪ مون تي اهڙو سخت عذاب نازل فرمائيندو جو اڳ ۾ ڪڏهن بہ نازل نہ ڪيو هوندو. سامهون ٻيو جبل هو ان پڪاريو "اِلَيَّ يَارَسُوْلَ الله" "يارسول الله منهنجي طرف تشريف کڻي اچو." سرڪار (صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) اُن تي تشريف کڻي ويا.

(شرح الزرقانی علی مواہب اللدنیہ، 512/6۔ ملفوظاتِ اعلیٰ حضرت، ص 533)

اُن پر دُرود جن کو حَجَر تک کریں سلام
ان پر سلام جن کو تحیّت شَجَر کی ہے

جِنّ و بَشَر سلام کو حاضِر ہیں اَلسّلام
یہ بارگاہ مالکِ جِنّ و بَشَر کی ہے

سب بَحر و بَر سلام کو حاضِر ہیں اَلسّلام
تَملِیک اِنہیں کے نام تو ہر بَحر و بَر کی ہے

(حدائقِ بخشش، ص 209)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## صرف حضورئي رحمةٌ للعالمين آهن

غزاليِ دوران، حضرت علامہ مولانا سيّد احمد سعيد ڪاظمي شاھ صاحب رَحۡمَةُاللّٰہِعَلَيۡه فرمائن ٿا: رحمةٌ للعالمين هجڻ حضور نبي ڪريم جو خاص وصف آهي. حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان علاوه ڪوبہ ”رَحۡمَةٌلِّلۡعٰلَمِيۡنَ“ نٿو ٿئي سگهي، جڏهن(حضُور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي) رسالت تمام مخلوق جي لاءِ عام آهي تہ رحمت بہ سڄي جهانن جي لاءِ عام ۽ الله کان سواءِ هر ذرّي کي شامل آهي. وَلِلّٰهِ الحمد! (مقالاتِ ڪاظمی99/1 ملتقطاً)

## حضرتِ جبريل تي سرڪار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رحمت

حديث شريف ۾ آهي تہ حضور سرور عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جبريل عَلَيۡهِ السَّلَام کان پڇيو تہ اوهان کي اسان جي رحمت مان ڇا نصيب ٿيو؟ انهن عرض ڪيو: سرڪار! اوهان جي لُطف و ڪرم منهنجي قسمت چمڪائي ڇڏي نہ تہ مان خاتمي ۽ پنهنجي انجام کان عرصي کان حيران هيس پر جيئن ئي اوهان جي غلامي جو شرف نصيب ٿيو ۽ هي آياتِ ڪريمہ ذِیۡ قُوَّۃٍ عِنۡدَ ذِی الۡعَرۡشِ مَکِیۡنٍ ﴿۲۰﴾ مُّطَاعٍ ثَمَّ اَمِیۡنٍ ﴿۲۱﴾

-

ترجموڪنزالعرفان: جيڪو قوت وارو آهي،عرش جي مالڪ جي حضور عزت وارو آهي. اتي ان جو حڪم مڃيو وڃي ٿو، امانتدار آهي. (پ 30، التكوير : 20،21)

(جڏهن) نازل ٿيون ۾ الله پاڪ منهنجي تعريف فرمائي ته اوهان جي صدقي ۾ مون کي مڪمل اطمينان نصيب ٿيو.

(تفسير بحر العلوم للسمرقندى، پ 17 ، الانبيآء، تحت الآية: 107، 382/2)

اَزل میں نعمتیں تقسیم کیں جب حق تعالیٰ نے
لکھی جبریل کی تقدیر میں خدمتِ محمد کی

(قبالۂ بخشش،ص 258)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## هر هنڌ اُمّت کي ياد رکيو

مشهور مفسر حضرت علامہ مولانا شيخ اسماعيل حقي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رحمتن مان هڪ هيءَ آهي تہ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي اُمت کي هر هنڌ ياد رکيو، جڏهن مڪي پاڪ ۾ هيا تہ اُمت ياد هئي، مديني پاڪ ويا تہ بہ اُمت کي نہ وساريو، جڏهن مسجدِ مڪرم پهتا تہ بہ اُمت ياد هئي، ۽ جڏهن حجره پاڪ ۾ تشريف فرما ٿيا تہ بہ اُمت ياد هئي. جڏهن عرش جي چوٽي کان گذريا ۽ "قاب قوسين" جهڙي بلند مقام تي پهتا تہ بہ اُمت کي ياد فرمايو. (تفسير روح البيان،پ 17،الانبيآء، تحت الآية: 107، 527/5)

جو نہ بُھولا ہم غریبوں کو رضا  یاد اس کی اپنی عادَت کیجئے

(حدائقِ بخشش ص 198)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## قرآنِ ڪريم ۾ نور مُصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

الله ربُّ العزَّت سيپاري 6 سورت النّساء جي آيت نمبر 174 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ قَدْ جَآءَكُمْ بُرْهَانٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ وَ اَنْزَلْنَاۤ اِلَيْكُمْ نُوْرًا مُّبِيْنًا ﴿۱۷۴﴾

ترجموڪنزالعرفان: اي انسانو! بيشڪ توهان وٽ توهان جي رب جي طرفان واضح دليل آيو ۽ اسان توهان جي طرف روشن نور نازل ڪيو.

اي عاشقانِ ميلاد! نور واري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي نور هجڻ جو بيان قرآنِ ڪريم ۾ هڪ ٻي هنڌ ڪجھ هن طرح آهي: سيپاري 6 سورت مائده جي آيت نمبر 15 ۾ ارشاد ٿئي ٿو: قَدْ جَآءَكُمْ مِّنَ اللّٰهِ نُوْرٌ وَّ كِتٰبٌ مُّبِيْنٌ ﴿۱۵﴾

.

ترجَموڪنزُالعرفان: بيشڪ توهان وٽ الله جي طرفان هڪ نور اچي ويو ۽ روشن ڪتاب.

اَڄ کان تقريباً هڪ هزار سال پهريان جا بُزرگ حضرت اَبُوالحَسن علي بن احمد واحدي نيشاپوري شافعي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ (وفات : 468ھ) فرمائن ٿا: هن آيتِ مبارڪ ۾ نور مان مراد الله پاڪ جا پيارا پيارا آخري نبي، مڪي مدني، محمد عربي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آهن ڇوتہ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تمام شين کي روشن ڪري ڇڏيو.
ايئن ئي تقريباً ست سؤ سال اڳ جا بزرگ، مشهور مُفسّر حضرت امام علاءُ الدّين علي بن محمد خازِن رحمۃُ اللّٰہِ علیہ (وفات: 741ھ) هن

آيت جي تحت "تفسير خازن" ۾ لکن ٿا: نور مان مراد محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم آهن. اللّٰه پاڪ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جو نالو "نور" ان ڪري رکيو، ڇوته پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي ذريعي هدايت حاصل ڪئي ويندي آهي جيئن اونداهين ۾ روشني جي ذريعي رستو ڳوليو ويندو آهي. (تفسير خازن،پ 6، المائدة، تحت الآية: 15، 1/ 477)

چھٹ گئے ظُلمت کے بادَل دُور اندھیرا ہوگیا — نور والا آگیا صلِّ علٰی خوش آمدید
بَھر دو سینے میں سُرور اور آنکھ کر دو نور نور — دل مِرا دو جگمگا صلِّ علٰی خوش آمدید

(وسائلِ بخشش ص 212-213 ملتقطاً)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## نورئي نہ بلڪ نورن جا بہ نور

علامہ سيّد محمود آلوسي بغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مشهور تفسير "روحُ الْمعاني" ۾ هن آيت جي تفسير ۾ لکن ٿا: ''وَهُوَنُوْرُ الْاَنْوَارِ وَالنَّبِیُّ الْمُخْتَارُ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمْ'' هن نور مان مراد سيني نورن جو نور، نبيِ مختار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ ذات آهي.

(تفسير روح المعانى،پ6 ،المائدة، تحت الآية: 15، 367/5)

## نور جو اچڻ! مرحبا

امام بخاري ۽ امام مسلم جي استاد جي بہ استاد، امام عبد الرزّاق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه صحابيِ رسول حضرت جابر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کان روايت ڪن ٿا تہ مون رسولُ اللّٰه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم کان سوال ڪيو تہ اللّٰه پاڪ سڀ کان پهرين ڪهڙي شيءِ پيدا ڪئي؟ ارشاد فرمايو: "اي جابر! اهو تنهنجي نبي جو نور آهي، جنهن کي اللّٰه پاڪ پيدا ڪيو.

(الجزء المفقود من المصنف عبد الرزاق، ص63-64، حديث: 18 )

اي عاشقانِ رسول! آيت سڳوري ۽ حديثِ پاڪ مان نور واري آقا صلى الله عليه وآلهٖ وسلم جي نور ۽ پُرنور هجڻ جو ذڪر ٿيو. هاڻي چو نہ اسين جُهومي جُهومي گڏجي پڙهون:

نور والا آیا ہے ہاں نور لیکر آیا ہے
سارے عالم میں یہ دیکھو نور کیسا چھایا ہے


چار جانِب روشنی ہے سب سماں ہے نور نور
حق نے پیدا آج اپنے پیارے کو فرمایا ہے

آؤ آؤ نور کی خیرات لینے کو چلیں
نور والا آمِنہ بی بی کے گھر میں آیا ہے

آگے پیچھے دائیں بائیں نور ہے چاروں طرف
آگیا ہے نور والا' نور والا آیا ہے

(وسائلِ بخشش ص 460)

# ايندڙ هفتي جو رسالو





فیضانِ مدینہ محلّہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی کراچی

UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278

www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net

feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net